

درويش
وتايو فقير

مرتب

گل محمد تنيو

شاه لطيف ڪتاب گهر

ڏاهپ جو ڏاتار

درويش وتايو فقير

مرتب

گل محمد تنيو

شاهه لطيف ڪتاب گهر
گاڏي کاتو، حيدر چوڪ
حيدرآباد
2012ع

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(36)

ڪتاب جو نالو: ڏاهپ جو ڏاتار درويش وتايو فقير
مرتب: گل محمد تنيو
ڇاپو پهريون: © شاهه لطيف ڪتاب گهر 2012ع
ڪمپوزنگ: انور حسين سومرو
روشني ڪمپوزر اينڊ پرنٽرز حيدر چوڪ، حيدرآباد
ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد
ڇپرائيندڙ: شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد
پيتائي بوڪ هائوس اورينٽ سينٽر حيدرآباد
حيدرآباد لا هائوس، سامهون حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ، حيدرآباد
ڪاٺياواڙ اسٽور اردو بازار ڪراچي
حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول + لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه + راڻوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ
سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو + مهراڻ بڪ ڊيپو ڪپرو
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ
العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو + مراد بڪ اسٽال، سيوهڻ
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين
ٿر ڪتاب گهر، مٺي + ساگر ڪتاب گهر، مٺي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر
گل ڪتاب گهر، لکي در شڪارپور
تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
لغاري بڪ ڊيپو ٽري ميرواهه + مڪتبه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا
قاسميه لائبريري، اسپتال روڊ ڪنڊيارو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درويش وتايو فقير

وتايو صدين کان سنڌ کي وندرائيندو ۽ کلائيندو پئي رهيو آهي ۽ وتايو "وقت" جي ڪسوٽيءَ تي پوري طرح پرکجي چڪو آهي ۽ سندس چهرا چٽڪلا ۽ ٽوٽڪا، سنڌي علم ۽ ادب ۾ عام سنڌي زبان جو "اٽوٽ انگ" ثابت ٿي چڪا آهن، تنهن حالت ۾ اسان کي جڳائي ته سندس ٻولن تي کلي "ڪن لاٽار" ڪرڻ بجاءِ، غور ۽ فڪر ڪريون ۽ ڳنڀيرتا سان سندس جائزو وٺون. جيڪڏهن اسين وتائي جون ورسيون ملهائي نٿا سگهون، سندس نينهن نياپي کي سهيڙي شايع ڪرڻ کان لاچار آهيون ته گهٽ ۾ گهٽ سندس معنيٰ خيز 'مقصد حيات' کي سمجهڻ ۽ هيئين سان هنڍائڻ لاءِ ڪو اُدم ته ڪريون؟ ڏسڻو هي آهي ته، آخر وتايو هيو ڪهڙي بلا؟ ڪو واڻڙو ساڻڙو موڳو مٺر هيو يا ڪو لٽر هيو. جو سدا وقلندو ٿي رهيو. ٿي سگهي ٿو ته ڪو لڏ ۾ لڪل اڏيرو لعل هجي يا واقعي ئي ڪو خواجه خضر هيو جنهن وتائي جو ويس ڌاري، اسان عقل جي انڌن جي روحاني رهنمائي ٿي ڪئي؟

وتايو ڪير هيو ڪنهنجو ڄايو هو؟ ڪٿي نپنو ڪٿي دفن ٿيو ۽ ڪڏهن؟ اهي غير ضروري سوال آهن. اهي پتا پار اهو پڇي جنهن جو وتائي جي وڏن تي قرض رهيل هجي يا جنهن کي سندس گهر الاٽ ڪرائڻو هجي. هو الله جو بندو ۽ آدم جي رواجي اولاد مان هڪ هيو. سنڌ ۾ ڄائو نپنو ۽ سنڌ ۾ مئو ۽ اها ئي وتائي جي رام ڪهاڻي آهي ۽ اها ئي آهي هر عام سنڌيءَ جي سوانح حيات. البت وڏيرن جي ڳالهه ٻي آهي ۽ سندن ٻڻ ٻڌياد به اور آهي. مون ته جڏهن به وڏي واڪي "الله" کي ياد ڪيو آهي ته ڪونه ڪو وڏيرو

ضرور ڪنائيندو آهي تہ ڪيس تہ سڏيو نہ ٿو وڃي.

خيرا وتائي بنسبت جو ڪجھ هيل تائين ٻڌندا اچون سو هن طور آهي تہ نصرپور جي لڳ هڪ ڳوٺ جو واهڻائي واڻيو هو. ننڍپڻ لاڪر پنهنجي سوچ سمجھ سادي سودي هيس. اڪثر پنهنجي سچاڻ ۽ پنهنجي مالڪ جي چاڻ ۾ مهو رهندو هيو پنهنجو دل من ٽٽوليندي ۽ دليل ڏوڙائيندي ڪنهن موڙ تي هندو ڌرم ڇڏي دين ڏانهن لاڙو رکيائين. پهريون پاڻ پوءِ سندس سڄو گهراڻو شيخ ٿيو. ٻڌڻ ۾ ائين بہ ٿو اچي تہ جيئن ڪنهن ٻانيڻ جي ٻيڪڙ ۾ نہ آيو تيئن ملان جي وڪڙ کان بہ گوهي ڪري نڪري ويو. وتايو سنڌ جو واحد ماڻهو هيو جنهن پنهنجي ۽ پنهنجي خالق وچ ۾ ڪنهن ٽئين ٽياڪڙ کي ٽنگ اڙائڻ مور نہ ڏني. عجب اهو جو اهڙي بغاوت باوجود سندس چپيٽ کان بچي ويو ورنہ سوليءَ چڙهڻ يا سنگسار ٿيڻ ۾ ڪا ڪسر ڇڏي نہ هئائين.

ڪن جو هي بہ چوڻ آهي تہ، وتايو پنهنجي وقت جو سياڻو ماڻهو هيو بلڪ ڪي تہ ائين بہ چون ٿا تہ، سنڌ سياڻي ۾ سياڻو ماڻهو هڪ اُپايو اهو هيو وتايو. ڏاها ڏيهہ ۾ گهٽا پر سياڻو لکن ۾ هڪڙو. ڏاهي جي ڏاهپ جو مدار آهي ڏاهہ تي يعني ٻڌ سڌ يا خبر چار تي، جنهن سبب ڏاهو اڪثر بہ ٽنگو ڦاسندو ڏٺو ويندو آهي. پر سياڻو ماڻهو ان کي چون جنهن کي اندر جو سوجهرو هجي ۽ سڃاڻ هجي. ان ڏس ۾ وتايو ڄمندي ڄام هيو. ڪن ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ پنهنجن کي ڇڳيءَ ريت پرکيو هئائين ۽ ڪيس پوري ڄاڻ هئي تہ ڄٽن سان ڪيئن گذارو ڪجي. ڏنائين تہ عجيب قوم سان واسطو پيو هيس. هو سائي کي سهن ڪونہ ۽ بکئي کي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين ڪونہ. وقت تي گڏهہ کي بابو چون ۽ جتي پڇڻ ناهي جاءِ، اُتي "ياڄوڪڙ" وريام سڏجن!

جيئڻ سان جنيون ڪن ۽ مئن لاءِ مجاور تي ويهن. ڪائن پنهنجي گهران، پچار سدائين پرائي ڪن. اهڙي آچار "لتر سان چڪر" سوچي سمجهي، سر بچاءَ ۾، چريو تي عمر گذاريائين. ائين بہ هرويرو صحيح نہ هو. جيئڻ چيو تي ويو تہ، ڪا ڪل تڙي هيس يا متيون ڏيندي لوڪ کي، چريو پاڻ ٿيو هيو. بلڪل نہ! اهڙو اياڻو وتايو هرگز نہ هيو. البت چريائيءَ جي اوٽ ۾ ٻين کي متيون ڏيندو رهيو جيئڻ لوڪ لکا نہ پوي. کيس پوري پروڙ هئس تہ جِنن جي سمجهہ التي ۽ اونڌي هئي، ان ڪارڻ ساڻن سنئين سڌي ڳالهہ ڪرڻ بہ پنهنجي ڪل لهرائڻي هئي، ان ڪري اڪثر ڳجهارتن ۾ ڳالهائيندو هو. صديون گذرڻ بعد اڄ تو پتو پوي تہ مارا ڇا چئي ويو! چاچي بہ ڇپائين ۽ ڇهنڊڙي بہ پائي ويو. غضب جو سياڻو هو.

اها ڪل ڪانہ ٿي پوي تہ وتائي جي زندگيءَ ۾ جو انقلاب آيو. اهو سندس عمر جي ڪهڙي موڙ تي ۽ ڪهڙي ڪارڻ؟ هي تہ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ ڪو ماڻهو پنهنجو گهر گهاٽ ۽ ڪاروبار ڇڏي جهنگ منهن ڪري وڃي ويراني وسائي؟ پوءِ نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري. پر هن دنيا ۾ رهندي هڪ جوڳي ۽ ويراڳيءَ جي زندگي بسر ڪرڻ ۽ لاطمع ٿي رهڻ، هڪ اهڙي انسان لاءِ ڪنن ڪم آهي، جنهن کي اکيون بہ هجن ۽ سندس هوش حواس بہ سلامت هجن. آخر انسان گوشت پوست جو لوٿڙو آهي ۽ ڪو لوهہ جو نهيل پتلو تہ ناهي، خاص طور جڏهن انسان سان وري شيطان سلامت بہ سدائين پيلهہ چڙهيو کيس هرڪائيندو رهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان سواءِ واٽيو تي ڪري، مايا جي موهہ کان تارو ڪرڻ ۽ ڌن دولت جي دامر ۾ نہ ڦاسڻ، پنهنجي سر هڪ ڪمال ڪاميابي آهي. پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ هئڻ هڪ مجبوري بہ ٿي سگهي ٿي، پر ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي مورڳو خواهش ئي نہ رکڻ فقيريءَ جي معراج آهي. اسان مان هر هڪ کي ھي ڄاڻ آهي تہ، دنيا جي جملي جهڳڙن جي جڙ آهي ئي ”زر، زن ۽ زمين“ پر تنهن هوندي بہ اسان جي پوري عمر انهن ٽنهي لڪشمي ديوين جو پيڇو ڪندي ئي گذري. اک پيچن يا نہ، اشارو ڏين يا نہ، اسين هر وقت وتون ٽا انهن اپڇرائن جي پٺ وٺندا. ڪوئي ليکي نہ ليکي اسين بہ آهيون يار جي ليکي لنڊي ڪتي وانگي.

وتائي کي هيءَ خبر هئي تہ، حضرت آدمر جي بنياد تي خطا ۽ سندس اولاد يعني انسانن جي جسماني خواهش وچ ۾ ڳوڙهو رستو هيو يا ائين چئجي تہ ساڳي ڳالهہ هئي. ان ڪارڻ زر زمين کان تہ اڳيئي فارغ هيو پر ڪنهن مومل ماڻڻ جي بہ پچر ڇڏي ڏنائين. هن دنيا جي طلسمي ڄار جا اهي سڀ رسا ۽ ٽوڙها ڇنڻ بعد، وتايو پنهنجي زندگيءَ جي مول مقصد ڏانهن پلٽيو جو هيو ”انسانيت جي روحاني ترقي“. ان مقصد جي ڦهلاءَ لاءِ پنهنجي زندگيءَ جو ”قول ۽ عمل“ نموني طور عوام آڏو پيش ڪيائين. هن ڪڏهن بہ ولي، غوث يا قطب هئڻ جي هامر نہ هڻين ۽ ڪڏهن پلجي بہ درويشيءَ جي دعويٰ نہ ڪئي. هن پنهنجي لاءِ مشڪري جو پارٽ منتخب ڪيو. ڇهڇٽا بہ ڏسندو رهيو ۽ تماشو بہ وجهندو رهيو. سندس ٻول ٻڌي ماڻهو ڪکين تي هٿ رکي کلندا رهيا. اڄ تائين اسان جو اهڙو ردعمل روان آهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوال آهي تہ وتائي کي تعليم ۽ ترغيب ڪانہ هئي ۽ اٽپڙهيل اناڙي هيو ۽ وري سندس اٺتي ويهٺي ۽ عام ماحول بہ دهقانين وارو هيو تہ پوءِ سياڻو ٿيو ڪيئن؟ دراصل سياڻپ ڪنهن کيڏ کيڏڻ، حرفت ۽ هنر هلائڻ يا ڪتاب پڙهڻ سان هٿ نہ ايندي آهي، پر مالڪ جي فضل ڪرم ۽ مهر سان عطا ڪئي ويندي آهي، فقط عقل ۽ علم جي زور تي ڪا راهہ ملي ها تہ پوءِ عزرائيل سڀ کان اڳرو ۽ اڳيرو هجي ها. مون تہ هر عقل جي اڪابر کي اوندهہ ۾ هٿوراڙيون ڏيندي ڏٺو آهي. هر انسان جا هٿ ڏاڏي آدم واري گناهہ ۾ رڱيل آهن، جو سندس ورثو آهي. ان ڪري جيستائين سچو سائين ساڃاهہ نہ ٿو ڏئي تہ پوءِ اکين هوندي انڌو. انسان اهڙي ساڃهہ لاءِ ٻاڏائي ضرور سگهي ٿو ۽ ڏيڻ وس سائين جي، ڏئي نہ ڏئي.

وتائي جي ڌرم ۽ دين گهٽڻ ماڻهن کي منجهائي وڌو هيو. هڪ دفعي سندس پاءُ مورومل وتائي کي وينتي ڪئي تہ، ”پائي، تو تہ مسلمان ٿي پاڻ موڪيو هاڻ مون کي بہ مسلمان ڪراءِ تہ سرڳ ۾ ٻئي گڏ تہ هجون.“ وتائي رڙ ڪري چيس: ”پائي، اهڙي غلطي نہ ڪج. مور نہ مسلمان ٿج، ورنہ سڄي چمار هٿ هٽنديں. ڪلمون پڙهي مسلمان ٿيڻ تہ آهي سولو ڪم. پر پوءِ جي روزن، نمازن، زڪواتن ۽ تهجدن جا سلسلا شروع ٿين ٿا، تن جي پيروي ڪندي نہ فقط جڙهہ نڪري ويندءِ، پر ڏيوالو ٿي وينديں. ڪڏهن پلجي بہ اهڙو جوکم جو ڪم نہ ڪج. ها البت مرڻ مهل مون کي ڪن ۾ ڪلمون پڙهي ٻڌائج تہ آءُ آخرت ۾ شاهدي ڏيندس تہ پاءُ مورومل مرڻ مهل مسلمان ٿي مئو هو. بهشت بہ حاصل ٿيندءِ ۽ خفي کان بہ بچي وينديں. ڪم جو ڪم مزي جو مزو.“ آخرين گهڙيءَ ۾ ڪلمون پڙهڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي راز ڪان اهي الله جا بندا بخوبي آگاهہ آهن، جن ڪي هيءَ ڄاڻ آهي تہ زندگيءَ جي هن پڙ، سندس ٻئي ڪناري ڪهڙو وٽج وڪر ٿو هلي ۽ ڪيئن ٿو وهي واپري. هونئن بہ سموري زندگيءَ جي عبادت بہ ان لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ جيئن آخري گهڙيءَ جي آزمائش مان پار اُڪرجي. پڇاڙيءَ جي پهر ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ ماڻهو پنهنجي سڄي ڄمار وظيفي ۽ قلبي ذڪر ۾ صرف ڪندا آهن تہ جيئن آخري هڏڪيءَ مهل ڪلمون روان هجي، ورنہ عمر جي ڪمائي هڪ لحظي ۾ رائگان. ٻيو سبب هي ڏنائين تہ، "مسلمان" ٿي رهڻ انتهائي اوکو ۽ ڏکيو ڪم آهي ۽ وڏي همت ۽ حوصلو گهرجي. باقي نالي ۾ نهال ٿي رهڻو آهي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي.

اسان جي منڪر نڪيرن، قبر جي سوڙهہ، قيامت جي گرمي، آخرت جي عذاب ۽ دوزخ جي دڙڪن ڏيڻ سان اسان جو پگهر ۽ خون تہ خشڪ ڪرڻ ۾ پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي، پر هي ڪڏهن بہ سمجهائڻ جي تڪليف گوارا نہ تا ڪن تہ، آخر هڪ غريب ۽ مسڪين انسان، جنهن "نوريئڙي جي مهماني آهي فقط بہ ٻير"، تنهن ڪي عذاب ڏيڻ جا ايڏا تڪسات ڇا لاءِ گهڙيا آهن؟ وري دوزخ ۾ منجهس سزائن ۽ ڦاسي گهاٽن جو وچور اهڙي ٿو ٻڌايو وڃي جڻ آسمان جي نوانوي ڏهائي پوٽا ڏهہ حصن تائين جهنم ڦهليل آهي. ۽ باقي اداڻي سئو ڪن وال پلاٽ تي جنت جو ڪوارٽر اڏيل آهي، جو ظاهر آهي، نيڪيدارن لاءِ رزرورڊ ٿيل آهي. جي وتايو وقت سر نہ اچي ها ۽ اسان کي آٿت نہ ڏئي ها تہ، هوند اسان سيني جا هنياوَ هئبت ۾ ڦاٽي پون ها.

وتائي جو واسطو ان اڻوجهہ ۽ مسڪين عوام سان هيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي پنهنجي سوچ ۽ سمجهہ آهر هڪ سادي سادي ۽ سليس نسخي جي لوڙ هئي. قبر ۽ قيامت جي عذات ۽ دوزخ جي دڙڪن کان ڊنا ضرور ٿي، ليڪن هي سمجهي نہ ٿي سگهيا تہ، سندن قصور ڪهڙو هو؟ هو ڪو نمرود، شداد ۽ فرعون ٿورو ئي هئا. هو تہ اڳي ئي غريب، مسڪين ۽ اڪن تي پارو هئا، جن اوڳارائي ڏني بہ ڪين سال گذري چڪا هئا. هنن هڏ هٽندي رات ڏينهن تتيءَ تڏيءَ هلندي نانگ وچون تي لتاڙيا.

بهرحال هن ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ وتايو انهن عظيم انسانن مان هڪ آهي، جن کي قدرت ڪنهن خاص مقصد جي پوئواري لاءِ خلقيندي آهي. سوال آهي تہ وتايو ڇا ۽ ڪهڙي بلا هو؟ ان سوال جو جواب تہ سوين هزارين آهن. جواب بہ وري جيئرا جاڳندا آهن.

وڏي ڳالهہ تہ هو نہ پير مرشد هو ۽ نہ هادي مهدي ۽ مسيح هو نہ وري ڪو غوث قطب ۽ قلندر هيو. هو هڪ غريب مسڪين الله جو بندو هو. جنهن کي نہ هو ڪو هو ذات پات يا حسب نسبُ جو ورثو ۽ نہ مال املاڪ يا ڌن دولت جي پونجي. سچي سڪٽي هوندي بہ سدائين ڪلندو رهندو هو. ڪلٽو بہ اهڙو جهن تي مالڪ بہ جي ڪليو نہ هوندو تہ مرڪيو يا مشڪيو ضرور هوندو. خاص طور جڏهن وتائي انڊي کي گهرائي تصديق تي ڪرائي تہ مري ويل جانور ڳئون هئي يا گڏهہ.

وتايو دنيا جي اهڙن فيلسوف ۽ مفڪر انسانن ۾ هڪ هيو جن پنهنجي سموري عمر قدرت جي اسرار پروڙڻ ۽ سندس ڳجهارتن جي تحيقي ۾ سيڙائي جيئن انسانيت جي اڳتي هلي ذهني سڌار ۽ سنوار ٿي سگهي.

علي احمد بروهي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درويش وتايو فقير

دلوراءِ سومري جي دور ۾ جڏهن ظلم ۽ ڏاڍ جو راڄ طاري هو تہ لوهاڻا قوم جا ڪيترا واپاري، برهمڻ آباد واري آيراضي ڇڏي ٻين علائقن ڏانهن هليا ويا، جن مان هڪ خاندان عمرڪوٽ واري ايراضيءَ ۾ بہ اچي سڪونت پذير ٿيو جيڪو ڪپڙي جي واپار ڪان مشهور هو. اهو خاندان ئي هو جنهن ۾ اڳتي هلي وتائي فقير جهڙو عظيم انسان پيدا ٿيو جنهن جو نالو اڄا تائين قائم دائم آهي. وتائي فقير جو والد ۽ چاچو عمرڪوٽ شهر جا وڏا واپاريَ هئا، جن کي شهر ۾ ڪپڙي جون وڏيون ڪوٺيون هيون، جن ۾ 'ٻانڌڻو' ۽ 'چريل' ڪپڙو رکيل هوندو هو، جيڪي اُهي عمرڪوٽ ۽ آسپاس جي ڪتين ڪان حاصل ڪندا هئا، جنهن ڪري اڳتي هلي کين ڪتي سمجهيو ويو.

هڪ روايت موجب وتائي فقير جي والد جو نالو ميلو رام ۽ چاچي جو نالو ساڌو رام هو، جيڪي ٻئي وڏا واپاري هجڻ سان گڏوگڏ وڏا ڀڳت پڻ هئا. انهيءَ دور ۾ سماواتي پرڳڻي جي بيگاري سيدن ۽ عمرڪوٽ جي راڻن جا هڪٻئي سان سنا لاڳاپا هئا ۽ راڻا خاندان وارن سيدن کي ٿي چار سڱ ڏنا هئا. راڻن ۽ بيگلارن جي انهيءَ رشتيداريءَ ۽ واسطيداريءَ سبب ڪيترا واپاري عمرڪوٽ مان لڏي اگهم ڪوٽ يا اگهاماڻي ۾ اچي رهيا، جن ۾ وتائي جو والد ۽ چاچو پڻ هئا. ان

دور ۾ وتايو چئن پنجن سالن جو هو ۽ سندس مڱڻو پڻ ٿيل هو. انهيءَ دور ۾ اگهاماڻي شهر اندر وڏا وڏا بزرگ ۽ عالم رهندا هئا، جن جو فيض آسپاس وارن علائقن تائين به اثر انداز هو ۽ ڪيترا ماڻهو پري پري کان ڪهي اچي سندن صحبت حاصل ڪندا هئا.

وتائي جو والد ۽ چاچو جيڪي اصل ۾ پڳت قسم جا انسان هئا، سي اگهاماڻي ۾ پهچندي ئي مسلمان بزرگن جي فيض کان متاثر ٿي مسلمان ٿي ويا، جن ۾ ميلو رام جو نالو شيخ عبدالحليم ۽ ساڌو رام جو نالو شيخ عبدالعليم رکيو ويو. اهڙيءَ طرح سندن خاندان وارن جا به اسلامي نالا رکيا ويا.

هي خاندان جيئن ئي مسلمان ٿيو ته پنهنجن ٻارن کي مدرسن ۾ داخل ڪرايائون، جن ۾ شيخ عبدالمعالي ولد عبدالحليم ۽ شيخ عبدالعالي ولد عبدالعليم خاص هئا. شيخ عبدالعاليءَ جو دستور هوندو هو ته مدرسي جي ٻين سيني شاگردن جا سبق ياد ڪري ايندو هو، پر پنهنجو سبق نه ٻڌائيندو هو ۽ هميشه ائين چوندو هو ته: "سبق اچا ڪچو آهي." سندس انهيءَ نرالي ۽ عجيب طبع سبب سيئي استاد خواه شاگرد کيس 'الله وارو' سمجهڻ لڳا ۽ مدرسي ۾ سندس نالو شيخ عبدالعاليءَ بدران 'شيخ الله وارو' مشهور ٿي ويو. شيخ الله وارو جيئن ئي ڪجهه وڏو ٿيو ته کيس گهٽيءَ هل هلان ۽ گهٽي ٻگالهائڻ سبب شاگرد خواه شهري 'وتايو' ڪوٺڻ لڳا، جيڪو نالو مٿس هميشه لاءِ مڙهجي ويو.

ٻئي طرف سندس سوٽ شيخ عبدالمعالي، جنهن جو

آواز نهايت منو هو ۽ تمام سٺي قرائت ڪندو هو. سو نهايت مٺي لحن سبب ’شيخ لحنڙو‘ يا ’شيخ لحينڙو‘ مشهور ٿيو جنهن کي اسين ’شيخ لوهينڙو‘ ڪوٺيون پيا. شيخ عبدالعالي لاءِ اهو به مشهور آهي تہ نصرپور شهر جو قاضي پڻ ٿي رهيو. قاضي ٿيڻ بعد اگهم ڪوٽ مان لڏي نصرپور ۾ وچي رهيو ۽ قاضيءَ جي عهدي کي ڇڏڻ بعد نصرپور ۽ ٽنڊي الهيار جي وچ تي پنهجو ڳوٺ وچي ٻڌائين. جنهن جا آثار سندن قبرستان واري هنڌ کان ڏيڍ ميل کن پنڌ تي اتر طرف ٻقا هاليپوٽي جيءَ ڳوٺ لڳ موجود آهن.

چون ٿا تہ، هو اڃا مدرسي ۾ ئي داخل هو تہ سندس والد وفات ڪري ويو ۽ والده کيس مدرسي مان اٿاري، گهر جو ڪم ڪار سونپي ڇڏيو جنهن ۾ ٻنيءَ ٻاري جي سنڀال، مال جي پرورش ۽ ٻيا ڪم شامل هئا.

چون ٿا تہ گهمندي ڦرندي هو بلغاءَ واري پٽڻ ۾ ساڳري جي سنهڙي شاخ جي ساڄي ڪپ تي پهتو تہ سامهين ٻئي ڪپ تي، هڪ ننڍڙيءَ بستيءَ ۾ کيس سونهن جو اهڙو جلوو نظر آيو جنهن سندس جيءَ کي هٽي جهوري وڌو ۽ هو پنهنجي حال کان بي حال ٿي ويو.

انهيءَ حادثي کان پوءِ فقير صاحب جو اهو دستور ٿي ويو تہ هو ڏهاڙي گهران نڪري ان ماڳ تي پهچندو هو ۽ پري کان ئي حسن جو پروتو پسي، پوٺتي موٽي ويندو هو.

چوندا آهن تہ، ”عشق ۽ مشڪ جو ڍڪجڻ محال آهي.“ سو وتائي فقير جو اهو عشق بہ پڌرو ٿي پيو. جيڪو

سامهين ڏر جي لاءِ وڏو مسئلو بنجي سامهون آيو. هڪ طرف فقير جو عظمت، ٻئي طرف ماڻهن جون آڱريون، آخر ڇا ڪن؟ نيٺ ڪنهن فيصلي تحت، اهي ڳوناٽا هڪ رات بلغاءَ جي پوِنءِ کان موڪلائي هميشه لاءِ نامعلوم ڏيهه ڏانهن هليا ويا.

هاڻي وتائي فقير جو جيئڻ جنجال ۾ ويهڻ وهه ٿي پيو. جيئڻ ٿي وڇوڙي جا وڍ وڏيا ته دل جو سڪون ۽ قلب جو قرار هليو ويو. اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ اُڌمن جو طوفان اٿيري پيو. بس! اهو ٿي انقلاب هو جنهن فقير جي سوچ ۾ تحرڪ آندو ۽ هو عام راوجي سوچ واري دائري مان نڪري، حڪيمانه ۽ فلسفيانه سوچ واريءَ منزل تي پهچي ويو.

هن منزل تي وتايو فقِير جيتوڻيڪ مجازي مرحلن کان مٿي نڪري، حقيقي دنيا جو پانڌي بنجي چڪو هو پر مجازي مهميز واري ماڳ کي وساري نه سگهيو هو ۽ اعلان ڪري ڇڏيو هئائين ته:

”منهنجي مرڻ کان پوءِ جيڪو به مراد وند ساڱري جي ساحل واري، پرينءَ جي پڊ جي مٽي ڪٽي، يڪ ساهي پنڌ ڪري، منهنجي قبر تي پهچندو ان جي دل جو مقصد ڏاڍي پاڪ پورو ڪندو.

هاڻي وتائي فقير کي زماني جي ڪمن ڪارين سان ڪنهن قسم جي دلچسپي نه رهي هئي. ان هوندي به هو ڪنهن مصلحت تحت زماني سان هلندو رهيو. اهو به اهڙيءَ طرح جو هن پنهنجي اصلي روپ کي ڪل پوڳ ۾ خوشي طبعي جي پوشاڪ لڪائي ڇڏيو. هن پنهنجو دستور بنايو هو ته ڳالهه

ڳالھ ۾ ، رستي تان ٿڙيل انسانن کي سمجھائي ڏيڻ خاطر، پيش آيل واقعي کي دهرائي، ڪل پوڳ جي انداز ۾ سٺي ۽ سهڻي ڳالھ بہ ڪري ويندو هو ۽ غلط معاشري تي طنز بہ ڪري ڇڏيندو هو. وتائي فقير جي گفتگو جو اهو ڪمال هو جو سندس چيل گفتن مان ڪيترا مشهور عام بنجي، چوڻين جي شڪل اختيار ڪري ويا آهن ۽ عام طرح لکت توڙي ڳالھ ٻولھ ۾ استعمال پيا ٿين. جيئن:

- چريا ڪريا آهيون، پر سچاڻون سين ڪي ٿا
- چٽي سيهواڻين جي، پر وتايا تون
- دعا جو در ٿي ساڙي ڇڏيئي
- خدا ڏئي ٿو پر ڪنگهائي پوءِ
- ٽانڊو سيڪو ساڙ ڪٽي ويندو
- ڪتي ڪتي سچائي بہ ڪم تي اچي
- مُٺي سهايو پر ڏنو ڪونہ
- جهڙي نيت تهڙي مراد
- ويچارو ڇٽو سومهڻيءَ جي نماز کان
- چوي سيڪو تو پر ڏئي ڪو ڪونہ ٿو

وتائي فقير جي سچاٽپ انهيءَ ڳالھ مان بہ ظاهر آهي تہ، سندس چيل گفتن مان ڪيترائي قديم دور جي پهاڪن جو تت يا نچوڙ آهن. سندس ٻولن ۾ هڪ طرف حڪمت پريا نڪتا لين ٿا تہ، ٻئي طرف اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ، هو ڪشف ۽ ڪرامات جو صاحب پڻ هو.

فقير صاحب جي عظمت جو ثبوت سندس اهي گفتا

به آهن، جن مان رب پاڪ جي ذات سان سندس حجت ظاهر ٿئي ٿي، جيڪا ڳالهه ثابت ٿي ڪري ته هو الله پاڪ جو نهايت پيارو بندو هو. هن جي ٻولن مان ڪيترا گفتا اهڙا به آهن، جيڪي ظاهري طرح ته رواجي ۽ سادا آهن، پر جي انهن کي ٿورو غور سان ڏسبو ته اهي تمام اونهي فڪر ۽ اتاهين فلسفي جو بهترين نمونو ڏسڻ ۾ ايندا.

وتائي فقر جو دؤر وڏن درويشن ۽ فقيرن جو دور هو جنهن ۾ ڪئين ڪامل ۽ باڪمال درويش موجود هئا. پر انهن مان سندس ڪنهن سان به ڪا خاص صحبت ڪانه ٿي ثابت ٿئي. هن جي جيڪر ڪا صحبت هئي ته اها فقط ٻن ڄڻن اڪابرن ۽ سالڪ يا 'مست مجذوبن' سان هئي، جيڪي گهڻو ڪري ساڻس مڪليءَ جي ٽڪريءَ، گنجي ٽڪر يا ٻين پاسيرن هنڌن تي ملندا هئا. وتايو فقير اهڙي ته عجيب رنگ ڍنگ وارو فقير هو جو هڪ طرف مجذوبن جو صحبتي ۽ آزاد طبع جو مالڪ هو ته ٻئي طرف وري شريعت جو سخت پابند ۽ طرفدار به هو. سندس هڪ قول آهي ته، ”شريعت جي پابندي، سالڪ ماڻهوءَ کي طريقت جي راهه ۾ بالغ بنائي ٿي.“

مطلب ته فقير صاحب انهيءَ مقام جو مالڪ هو جنهن لاءِ شهيد حضرت عبدالرحيم گرهوڙيءَ رح جي لفظن ۾ هيئن چوڻ درست ٿيندو ته:

فقير صاحب لاءِ اهو به معلوم ٿيو آهي ته، سموري زندگي آزادانه ۽ پنهنجي رنگ سان گذاريائين. پر سندس سوٽ شيخ عبدالعاليءَ جي وفات کان پوءِ جيئن ڳوٺ ۾ اچي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو تيئن وري ٻاهر نہ ويو ۽ اتي ئي وفات ڪيائين.

سندس وفات جو سال گهٽو ڪري 1125هہ بعد ئي آهي ۽ سندس مزار مبارڪ سندس سؤٽ شيخ عالي عرف شيخ لحنيڙي جي قبي لڳ آهي، جتي چند سال اڳ بلغاءَ جي پون جي مٿيءَ جا سنهڙا پتر سندس مزار مٿان پيل ڏسبا هئا. اهو قبرستان وتائي جي ڳوٺ کان ڏيڍ ميل کن ڏکڻ طرف، ريلوي لائين ۽ شاهي رستي جي وچ ۾ آهي، جنهن کي سامهون هينئر فقير صاحب ۽ شيخ لحنيڙي جي نالي جي تختي پڻ لڳل ڏسجي ٿي.

معمور يوسفاڻي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرتب پاران

درويش وتائي فقير کي عام طور "وتايو" چيو ويندو آهي، تنهن بابت مشهور آهي تہ هو اصل ۾ "هندو کتي" هو ۽ حيدرآباد ويجهو تاجپور شهر ۾ ڄائو. جتان ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس مگٽو پنهنجي برادريءَ وارن عمرڪوٽ مان ڪرايو.

شاديءَ کان پوءِ فقير، ماءُ پيءُ ۽ زال سميت نصرپور ۾ رهڻ لڳو. جتي ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس پيءُ وفات ڪري ويو.

وتايو فقير، حقيقت ۾ مسلمان هو پر ڪن ظاهري سبب ڪري خاموش هو ۽ پيءُ جي مرڻ کان پوءِ هو پنهنجي ماءُ ۽ زال سميت مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو "شيخ طاهر" رکيو ويو پر جيئن تہ سندس نالو "وتايو" مشهور هو. ان ڪري مسلمان ٿيڻ کان پوءِ بہ ڪيس ماڻهو انهيءَ نالي سان ئي سڏيندا هئا، جيڪو اڄ تائين مشهور آهي. سندس مقبرو ٽنڊو الهيار کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

هيءُ بزرگ گفتن جي ذريعي ماڻهن کي سياڻپ ۽ نصيحت وارا اهڙا نڪتا ٻڌائي ويندو هو جو ٻڌندڙن کي حيرت وٺي ويندي هئي. سندس ڪيترين ئي ڳالهين مشهور آهن، جن مان ڪجهہ هن ڪتابڙيءَ ۾ پيش ڪجن ٿيون.

گل محمد تنيو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وتائي فقير جا
پوڳ چرچا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏھ جي ڳالھ تي اعتبار ڪيئي منھنجي تي نہ!

ڳالھ ڪندا آھن تہ، ڪو ھمراھ وتائي ڪان گڏھ وٺڻ آئيو. سندس لوڙھي ٻاھران ٻيھي فقير کي سڏ ڪيائين. فقير گھران نڪري اچي ساڻس مليو. ھن فقير کان ڪنھن ضرورت تحت گڏھ جي گھر ڪئي. فقير چيس ابا گڏھ تہ ڪو پيو سوالي ڪاھي ويو.

ايتري ۾ فقير جي لوڙھي سان لڳو لڳ ٻڌي گھران گڏھ ھينگ ڪئي، تنھن تي ھمراھ چيس، فقير گڏھ دانھن ڪري پيو چوي تہ مان گھر ٻڌو پيو آھيان.

وتائي وراڻيو: ادا گڏھ تي اعتبار ڪيئي، مون تي نہ ڪيئي. اھو گڏھ منھنجو ناھي.

چوي سڀ ڪو ٿو، ڏئي ڪو ڪو نہ ٿو

ھڪ ڏينھن وتايو فقير ڳوٺ ڪان سنبري نڪتو سفر لاءِ. جڏھن ڳوٺ جي ھڪ اوطاق ڪان مٿيو تہ اوطاق ۾ متل ڪچھريءَ وارن ڪيس ڏٺو تہ سڏي ڪٺي ڪيس وچ ۾ وھارياٿون.

ٻن جڻن ھمراھن مٿس زور پريو تہ فقير اڄ تہ تو ڪان سچي ڪرائبي تہ آخر شادي چو نہ ٿو ڪرين. جڏھن تا ڪٺي پڇئون تہ ورندي ساڳي ٿو ڏين تہ ابا ھائو ڪبي! اڄ ڪٺي سچ ڳالھايو.

وتائي وراڻيو! ادا چڏيوان ڳالھ کي، پر مڙس مڙڻ جا ڪتي، چياٿون، فقير اڄ ڳالھ پڌري ڪر.

وتائي وراڻيو! ادا دل ۾ نہ ڪجو پر ير ڳالھ اھا آھي تہ چئي تہ ھر ڪو ٿو تہ فقير شادي چو نہ ٿو ڪرين؟ پر ڏئي تہ ڪو ڪو نہ ٿو.

ڪهڙي گڏھ منهنجي قميص سان منهن اُگهيو آهي؟

سنڌ ۾ عام ڳالهه آهي ته، فقير سان عام ماڻهو پيا دل لڳي ڪندا هئا. سو ڪنهن همراهه وتائي کي واهه ۾ وهنجندي ڏٺو ته، ساڻس پوڳ جي نيت سان ڪپڙ تي رکيل وتائي جي قميص جي اڳ تي اگر سان هن گڏهه جي شڪل ٺاهي، پاڻ ڪنهن ٻوڙي جي اوٽ ۾ لڪي ويٺو ته، ڏسان وتايو قميص پائڻ بعد ڇا ٿو چوي.

ڪا گهڙي ٿي، وتائي وهنجڻ کان فارغ ٿي جيئن ئي قميص پاتي ته، سامهون قميص تي ٺهيل گڏهه جي شڪل تي نظر پيئس. سُرَ کي سمجهي، واڪو ڪري چيائين: اڙي ڪهڙي گڏهه منهنجي قميص سان منهن اُگهيو آهي.

سپاهي ۽ وتايو

هڪ ڏينهن وتايو گڏهه ڪاهيو ڪيڏانهن ويو پئي، ته وات تي ڪو سپاهي بيٺو هو. ان کي وتائي سان پوڳ سُجهي آيو سو هڪل ڪري چيائينس، فقير ڏي خبر پاءُ سميت ڪيڏانهن ڪاهيو اٿئي؟

فقير به واهه جي ورندي ڏنس. چيائينس: ادا گهٽو ئي جهليومانس، ته اها مخلوق چڱي ڪا نه ٿي سڏجي، پر مڙي نٿو ڇوي ٿو ته بس هل مون کي هلي سپاهي پرتي ڪراءِ، جو منهنجا سڳا پائر ته سڀ اُتي پرتي ٿيل آهن.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻار جي دانهن

هڪ ڀيري وتائي فقير جي گهر ڪجهه مهمان آيا. ان وقت مهمان کي کارائڻ لاءِ وتائي فقير جي گهر ۾ نه ته ڪو کاڌي پيتي جو سامان هو ۽ نه ئي وري سامان وٺڻ لاءِ وٽس ڪي پئسا هئا. ايتري ۾ هڪ ڇوڪر وٽس پهتو جيڪو مٽي تي هڪ وڏو ڇولن جو ٿالهه رکي کپائي رهيو هو.

وتائي فقير جلدي ۾ ڪيس سڏ ڪيو ۽ ڇولا وٺي مهمانن کي کارايائين.جڏهن ڇوڪر پئسا گهريا ته وتائي فقير ڇوڪر کي ٻه ٽي زوردار ٿقڙ هڻي ڪڍيا. جنهن تي ڇوڪر رڙيون ڪري روئڻ لڳو. ايتري ۾ اتي هڪ همراهه اچي پهتو جنهن، وتائي فقير کي ڪجهه ڏوڪڙ ڏنا.

وتائي فقير اهي سيئي پئسا ڇولن وڪڻڻ واري ڇوڪري کي ڏئي ڇڏيا. پئسا ڇولن جي حساب کان گهڻا هئا، ايترا پئسا ڏسي ڇوڪر روئڻ بند ڪيو ۽ خوش ٿي اتان هليو ويو.

مهمان خاموشيءَ سان اهو سڀ لڪاءُ ڏسي رهيا هئا ۽ حيران ٿيندي فقير کان پڇيائون ته، فقير سائين! هي اوهان ڇا ڪيو؟

وتائي فقير جواب ڏنو ته، مون وٽ پئسا هئا ڪو نه. مون سوچيو ته الله کان دعا گهرندس ته ٻه ايترو جلدي ورنائيندو ڪو نه. سو اتڪل ڪيم. مون ٻڌو آهي ته الله سائين ٻارن جي جلدي ٻڌندو آهي، ان لاءِ مون ان ڇوڪر کي ٿقڙ هنئي، ان رڙيون ڪيون، اهي رڙيون الله سائين ٻڌيون ۽ پئسا ڏياري موڪليائين، ”بس ڳالهه ايتري هئي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻنهي پارين وتايو منٺو

وتايو سدائين هوندو هو سفر ۾، ڪڏهن ته فقير کي گهر جي منهن ڏٺي مهينا گذري ويندا هئا، سندس ماءُ ويچاري ان ڳڻتيءَ ۾ پئي ڳرندي هئي ته الاءِ جي منهنجو ٻچڙو ڪٿي هوندو. الاءِ ڪهڙي حال ۾ هوندو. سو هڪ لڳي ڪيس دل ۾ خيال اچي وينو ته اڪيلي ويٺي اباڻڪي پئي ٿيان ڇو نه وڃي مرشد جي پاسي ۾ جهڳو اڏيان. اهو خيال دل ۾ آڻي وڃي مرشد جي پير ۾ جهڳو اڏيائين.

ڪجهه ڏينهن گذريا ته گهمي ڦري وتايو به اچي گهر پيڙو ٿيو پر اتي ته ڪاريءَ وارا ڪک هئا. سو پاڙي وارن کان ماءُ بابت پڇا ڪيائين، تن ٻڌايس ته اها ته لڏي وڃي مرشد جي پاڙي ۾ ويٺي آهي. تنهن لاءِ به ڇيو اٿس ته جي اچي ته اوڏانهن موڪلجوس.

اهو ٻڌي وتايون اتان پنڌ پيو ۽ اچي ماءُ وٽ پهتو. ماءُ کيس ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ کيس دعائون ڏيندي ساڻس ملي ۽ کيس کان خبرون چارون وٺڻ لڳي. وتائي اتاولائيءَ مان ماءُ کان پڇيو: امڙ! پر اٺا ڪک ڇڏي هيڏانهن ڇو آئي آهين.

ماءُ چيس: ابا! حياتيءَ تي پروسو ڪونهي، تون به ڪڏهن آهين هِت ته ڪڏهن هُت، سو سوچيم ته وڃي مرشدن جي پير وٺان. آخر ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن.

وتائي چيو: امان ڪهر ڪري ڇڏيئي. سڄو جهان ڇڏي اچي سيدن جا پاڙو وسايو اٿئي. سيد سڄو به سور ته سائو

به سُور. جي ڪاوڙجن ته به ڦهر جي پرچن ته به پُڳر ڳهرن. هاڻ ته پنهي پارين وتايو مُنو.

ملن جون ٻانگون ۽ امان جون ليٽون

ستاويهن رمضان جي پلاري ڏهاڙي جي موقعي تي وتائي فقير ماءُ کي چيو: امڙ اڄ روزو رکبو جو پلاري مهيني جو پلارو ڏينهن آهي، پر روزو شام جو مسجد ۾ ٻين مسلمان پاڻرن سان گڏ وڃي کولبو جيئن ججهو ثواب به ملي ته سيون به جام ملن. فقير ويچارو سئين جو ڏاڍو شوقين هوندو هو. سو ماءُ چيس. ابا ائين مسجد ۾ هٿين خالي وڃڻ سهي ناهي. روزي کلڻ وقت مان به توکي سيون پچائي ڏينديس ته وڃي ٻين سان گڏجي کائجانءِ.

وتائي وراڻيو: امڙ جيڪا تنهنجي مرضي.

پوءِ جڏهن روزي کلڻ جو وقت ويجهو آيو ته ماءُ کي تڪڙ لائي ڏنائين ته امڙ جلد ڪر سيون تيار ڪري ڏي ته وڃي مسجد ۾ پڄان. ماڻس به گهٽي پئي تڪڙڪئي، پاڻي ابرڻ لڳو ته ماڻس سيون وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اوچتو ڪنهن مسجد مان ٻانگ جو آواز آيو. ماڻس هٿ روڪي دعا لاءِ هٿ جهليو. ان ملان ٻانگ ڏئي مس بس ڪئي ته ڪنهن ٻيءَ مسجد مان ٻانگ اچڻ شروع ٿي. ائين ڪي گهڙيون الڳ الڳ مسجدن مان ٻانگ مٿان ٻانگ پئي آئي ۽ ماڻس به پئي هر ٻانگ تي دعا لاءِ هٿ کنيا. نيٺ وتائي ڪاوڙ مان ماءُ کي چيو. ملن به ڪا پاڻ ۾ ٻڌي ڪئي آهي ته توکي دعائن ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رنيائي سڀ سيون پاڙ ڪائڻ، پر مان ڪتي تو چڙيان. ماڻس دعا لاءِ هٿ کڻندي رهي: وتايو وٺي مسجد ڪان ڊوڙيو ۽ اچي ڏسي تہ سڀ ماڻهو روزي ڪولڻ ۾ لڳا پيا آهن. هن بہ همر نہ ڪئي تمر سين جو تالهہ ڏسي اُتي روزو ڪولڻ ويهي رهيو. ڪنهن ويٺل روزائت پڇيس: وتايا دير ڪيئي. چيائين: مَاٺ تَوِيلي. بس آخر پنهنجي مڙسي ڪمر آئي نہ تہ ملنءُ جي پانگن ۽ امان جي دعائن جي ڏيگهہ تي لڳان ها تہ هي بہ گرهہ بہ نصيب ڪونہ ٿين ٿا.

لچن ڪِي تہ نہ لڪائي

هڪ روايت آهي تہ، وتائي فقير جي گهران ڪو شاهينگ پاٽيءَ جو گهڙو کڻي ويو ماڻس جو گهر آئي تہ دلو نہ ڏسي وسوسي ۾ پئجي وئي. جڏهن وتايو گهر موٽيو ۽ ماءُ ڪان پاٽي گهريائين تہ ماڻس چيس: ابا پاٽي ڪاٿان ڏيانءِ ڪو لچ گهڙو ئي کڻي ويو. وتايو ڪا گهڙي سوچ ۾ پڏي ويو ۽ پوءِ سڌو مسجد ۾ آيو ۽ مسجد پاهران رکيل گهڙن مان هڪ چڱو گهڙو ڏسي کڻي ڪلهي تي رکيائين. ايتري ۾ ملي هڪل ڪيس، اي وتايا! الله جي گهر جو دلو ڪاڏي پيو کنيو وڃين. وتائي مڙي چيس: ملان! تون مَاٺ رهہ. اسان جو گهڙو بہ ڪو الله جو بندو چورائي ويو آهي، سو گهڙو چوري ڪندڙ بندو نہ لڌو تہ مالڪ کان ئي پرائي ونبو وڃ ۾ تنهنجو جو ڇا؟ جيڪو لچن ڪي پيو لڪائي، ان جو ئي گهڙو کنيو اٿم.

وتائي جا وٽ

وتائي جمعي جي ڏينهن مسجد ۾ ڪنهن ملان واتان ٻڌو تہ وٽ چيٽڻ جو وڏو ثواب آهي. بلڪ جنهن شيءِ سان وٽ چيٽجي ٿو. حساب واري ڏانهن ملائڪ هر شيءِ ٿو تارازي ۾ ثواب وارن عملن پاسي وجهندا.

اها ڳالهہ ٻڌڻ بعد وتايو جبل سان وٽ چيٽي رهيو هو سو ڪنهن اها حرڪت ڪندي ڏسي، عجب مان پڇيس: وتايا اهو ڇا پيو ڪرين. وتائي وراڻيس: وٽ پيو چيٽيان. همراهہ چيس: پر فقير وٽ چيٽڻ جو اهو ڪهڙو طريقو آهي. وتائي وراڻيو: ادا ملان پئي چيو تہ قيامت ۾ ملائڪ وٽ چيٽڻ واري شيءِ بہ ثواب واري پڙ ۾ وجهندا سو هاڻ پلي وتائي جا وٽ تورين تہ الٽو حساب انهن ڏانهن نڪرندو.

ڳنڍڻ تہ ڪونہ ڏنئي، رکي بہ ڦري ورتئي

وتايو ڪٿان هڪيو تڪيو اچي گهر پهتو. ماءُ کي چيائين: امڙ ڏاڍي بک لڳي اٿم، اچ تہ ڏيؤ ڪراءِ. ماءُ چيس: ابا! رکي ماني آهي، ڳنڍڻ ڪونهي. وتائي چيو: امان رکي ماني کهڙي وٽندي. پيو نہ تہ لسيءَ لپ ئي ڏيم. ماڻس چيو: ابا اها بہ ڪانهي. باقي هيءَ ماني وٽ ۾ ڏٽيءَ کان دعا گهر تہ من پاڙي مان ڪجهہ ملي پوي. وتائي ماءُ کان ماني ورتي. جيئن ماڻس ڳنڍڻ لاءِ پاڙي ۾ وئي تہ هن ماني کٽ تي رکي ۾ ماءُ جي چوڻ موجب دعا لاءِ هٿ کنيا. ايتري ۾ ڪتي جنهن مانيءَ کي پئي تاڙيو سو لوهہ ڏئي ماني کڻي وني پڳو. وتائي دعا گهرندي

وراڻيو: واهه ڙي مولىٰ تنهنجو انصاف! ڳنڍڻ تہ ڪونہ ڏنئي، الٽو رُکي بہ کسي ورتئي.

ڏيڻو هوندس تہ پاڻ ڏئي

هڪڙي ڏينهن وتايو پاڙي ۾ هڪ گهر ٻاهران ڏڌ ونڻ ويو تہ گهر اندران آواز ايندو ٻڌائين. زال مڙس کي چئي رهي هئي. عرصي کان اولاد لاءِ پيا سڪون. هل تہ ڪنهن اولياءَ تي هلي باس باسيون تہ من ڪا جهولي ڀرجي.

ايتري ۾ وتايو بہ وڃي سندن اڱڻ تي پهتو ۽ مائيءَ کي چيائين: پيڻ هوءَ جيڪا تنهنجي ڪڪڙ ولر ٻچن سان پئي چڱي. ان ڪهڙي پير تي دعا پني يا باس باسي هئي جو هيڏو ولر ٻچن جو پويان اٿس. مائيءَ وراڻيو: فقير ڪڪڙيون بہ ڪا باس باسينديون آهن ڇا؟ تہ منهنجي پيڻ پوءِ تون ڇو پئي پاڻ ۽ مڙس کي هائيءَ ۾ هڻين. ماٺ ڪري پئي الله الله ڪر. هو ڪنهن وڏيري وانگي پرمتڙيو ڪونهي. جو ڪنهن ٻئي جي سفارش تي ڏئي. ڏيڻو هوندس تہ پاڻ ئي ڏيند ئي.

واعدو پاڙ

هڪ پيري وتائي ڳوٺ جي ڊڪڻ وٽ وڃي سوال ڪيو تہ، امڙ جي ڪنولي پجي پيئي آهي، جيڪر هلي ٺاهي ڏين تہ مهرباني ٿيندي. وادي روکڙو جواب ڏنو ”فقير اڄ واندو نہ آهيان، واندو ٿيان تہ هلي ٺاهي ڏيندس.“ هو هر دفعي اهڙي ڪن ٽار ڪري وتائي کان لنوائيندو رهيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن وتائي ڏٺو تہ ڳوٺ وارا ڪو جنازو کنيو تي ويا. پڇڻ تي پتو پيس تہ، ساڳيو ڏکڻ گذاري ويو آهي، جيڪو سدائين مشغول رهندو هو. وتائي ڊوڙي جنازي جو اڳ وٺي ڪاندين کي هڪل ڪئي، تورو ترسجو. جنازي وارا بيهي رهيا. چيائين، وائي ڪان ورندي وٺي اتم، وري ملي الاءِ نہ. سو جنازي جي پير ۾ بيهي چيائين: ”ادا وادا، اڄ تہ پڪ واندو هوندوين. نوبڪلو ڪٺ تي آرامي آهين. هاڻ تہ ڪتولي وارو پنهنجو واعدو پاڙ.“

گڏهہ جي تصوير

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن تلاءَ ۾ وهنجي رهيو هو. هن جا ڪپڙا تلاءَ جي ڪپ تي رکيل هئا. هڪڙي حرڪتيءَ ڇا ڪيو جو هن جي قميص تي ڪوئلي سان گڏهہ جي تصوير ٺاهي ڇڏيائين. فقير جڏهن وهنجي ٻاهر نڪتو ۽ ڪپڙا پئي پاتائين تہ هن کي سندس ڪپڙن تي گڏهہ جي تصوير نظر آئي. وتائي فقير (اوسي پاسي ڏسي) وڏي واڪي چيو: ”ڪهڙي گڏهہ منهنجي قميص سان منهن اگهيو آهي.“ اهو ٻڌي پر ۾ بيٺل ماڻهو ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

ويٺي وار ڪُسي ويندؤ

وتائي جي ڳوٺ ۾ ڪنهن جوڙي کي شادي ڪئي عرصو لنگهي ويو، ڪين اولاد ڪونہ ٿي ٿيو. سو هفتو ڪن مشهور بزرگ جي مزار تي وڃي ترسيا، جنهن لاءِ مشهور هو تہ هو ”قنڌين کي ڦر ٿو ڏئي.“ سو زال مڙس هفتو راتين جو ان بزرگ جي مزار تي اوجاڳو ڪندي، پٽ لاءِ دعائون پنندا رهيا ۽ روايت موجب ڪنهن نشاني ملڻ جي انتظار ۾ هئا، جو مشهور

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ اولاد ٿيڻ لاءِ پير در تي آيل سوالين ڏانهن ڪا نہ ڪا نشاني موڪلي ٿو. نہ ڄاڻ تہ اها نشاني پير ڪان وڏيڪ درگاهہ کي گذر جو وسيلو بڻائيندڙ خليفن جي ڪارستاني هئي. سو نيٺ آخري رات، زال مڙسن کي جڏهن ننڊ جا ڪيپ چڙهيا تہ ڪو خليفو سندن ويهاڻي هيٺان، ڪنهن ٻار جي لٽل جهنڊ جا وار رکي ويو. صبح ٿيندي ئي جڏهن مائي سڳوريءَ ويهاڻي هيٺان وار نشانيءَ طور ڏٺا تہ وٺي نچي ڪڏي ۽ پوءِ ٻئي زال مڙس نچندي ڪڏندي ڳوٺ ڏانهن واپس آيا. اتفاقً سان واٽ تي زال مڙس جي ملاقات وتائي فقير سان ٿي.

مرد ڪجهہ ڪڇي اُن ڪان اڳ مائيءَ واٽ پري وتائي سان ڳالهہ ڪئي: "فقر سائين! اسان کي مرشد وٽان پٽ ڄمڻ جي نشاني ملي آهي." وتائي پڇيس: "مائي سڳوري! اهو وري ڪيئن؟" مائيءَ وراڻيو: "فقير هي ڏس رات مرشد سائين وار نشانيءَ طور موڪليا آهن ۽ خليفي چيو تہ 'مرشد سائين جي ڏنل نشاني مان مراد آهي تہ اوهان کي پٽ ڄمندو ۽ ان جي جهنڊ هتي لاهجو'" وتائي وراڻيو: امڙ! خليفو ڀليو آهي، مرشد نشاني موڪلي ٻڌايو ٿوَ تہ 'مون وٽ ويني ويٺي وار ڪسي ويندوَ پر ورندوَ ڪجهہ بہ ڪونہ.'" وتائي جي ڳالهہ ٻڌي، مائيءَ ڪٽي ماٺ ڪئي.

ڪٽ ڪٽي نہ ڏيو

وتائي وٽ ماماڻن وٽان ڪي مهمان آيا. تہ ماءُ چيس: "وتايا! ڪا پاڙي مان ڪٽ تہ وٺي اچ." فقير ماءُ جو چيو اکين تي رکي پاڙي مان ڪٽ وٺڻ ويو.

ڪنهن پاڙي واري جي در تي پهچي وجي سڏ ڪيائين: "او او فلاڻا! ٻاهر تہ نڪر جانءِ." همراهہ ٻاڻ تہ ڪونہ

نڪتو سندس پٽ اچي پهتو. فقير چيس: ”ابا! مهمان آيا آهن، سو ڪٽ تي ڪپي.“

همراهه وراڻيو: ”فقيرا ڪٽ جي ته ڪا ڳالهه ڪانهي، پر اسان وٽ رڳو ٻه ڪٽون آهن. هڪ تي مان ۽ بابو تا سمهون ته ٻيءَ تي امڙ ۽ منهنجي گهرواري ٽيون سمهن.

فقير چيس: ”ابا! ڪٽ ڪٽي نه ڏيو پر سمهو ته سُرَ سان.“ هڪ تي تون ۽ تنهنجي جوءِ سمهي، ٻيءَ تي پٽهين ۽ تنهنجي ماءُ سمهي. وڏيڪ توهان جي مرضي.“

اوهان کي ٻه خبر پوي

ڳالهه تا ڪن ته وتايو فقير هڪ ڏينهن پنهنجو گڏهه ڪاهي پڙيءَ تي ويو. پڙيءَ تي پهتل خريدارن مان جڏهن ڪو گڏهه کي ڏسڻ لاءِ اڳيان تي آيو ته، گڏهه کيس چڪ تي هنيو ۽ جڏهن خريدار پويان ڦري سندس جائزو تي ورتو ته، گڏهه ان کي لت وهائي تي ڪڍي. ائين واري واري ٻن ٽن واپارين سان گڏهه اهڙي ڪار ڪئي. نيٺ ڪاوڙ مان هڪ خريدار وتائي کي چيو: فقير ههڙو ڪتر گڏهه آخر توڪان وٺندو ڪير؟

فقير وراڻيو: ادا، آءٌ ٻه گڏهه وڪري لاءِ ڪونه ڪاهي آيو آهيان. آندو رڳو ان لاءِ اتم ته، ٻين کي ٻه خبر پوي ته مون سان ڪهڙي ويڌن آهي.

دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي

ڳالهه ڪندا آهن ته وتايو فقير ڪنهن پراهين پنڌ تان موٽندي تڪڙو تڪڙو ڳوٺ جي گهٽيءَ ۾ پهتو ته ڪا مائي سڳوري پنهنجي گهر جي ڳليءَ تي مليس، تنهن جي ڪيڪارڻ تي فقير وراڻيس: مائي ڇڏ ڪيڪار کي، مسافريءَ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان موٽيو آهيان، سو بڪ بہ ڏاڍي لڳي اٿم. ٻڌاءِ ڪو اٽئي تڪر ڳيو.

مائيءَ وراڻيو: فقير تازو پٽ رڌو اٿم. اچ توکي ڪوسو ڪوسو پٽ تي کارايان ۽ فقير دل ئي دل ۾ سوچيو: واهہ يلا ياٻگ منهنجا! ۽ مائيءَ کي چيائين، ادي جلدي آٽي ڏيم. اصل بک ڪان ساهہ پيو وڃي!

مائي تڙ تڪڙ ۾ گرم پٽ جي ٿالهي پري اچي وتائي اڳيان رکي ۽ چوڻ لڳس: ادا ڪوسو ڪوسو پٽ ڏاڍو مزيدار ٿيندو اٿئي. بس وجهہ وات ۾، وڃ ڳيتون ڏيندو. اصل دير نہ ڪر. فقير بہ اڳ ئي بک جو تپايل ويتر جو مائيءَ تڪڙ لاءِ چيس سو ويو ڪوسو پٽ ڳهندو.

نيٺ پٽ کائي ڪيائين دنگ. جڏهن هلڻ هارو ٿيو تہ مائيءَ چيس: فقير ويندي ويندي ڪا دعا تہ ڏيندو وڃيم.

فقير وراڻيو: مائي دعا جو در ئي ساڙي ڇڏيئي. هاڻ تو لاءِ ڪهڙي دعا نڪرندي.

سچاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا

هڪ ڀيري وتايو فقير گهمندي گهمندي عمرڪوٽ اچي نڪتو. اتان جون عورتون تڙ تي پاڻي ڀري رهيون هيون، جيڪي کيس سچاڻينديون هيون. انهيءَ وقت انهن عورتن ۾ سنڌن مڱيندي بہ موجود هئي. اُن تي عورتن سنڌس مڱينديءَ کي چيو: آئي تون وتائي کي ڪيڪار، ڏسون تہ ڇا ٿو چوي؟

جڏهن سنڌس منگ کيس ڪيڪاريو تہ وتائي هڪدم وراڻيو: ”ڇريا ڪريا آهيون، پر سچاڻون سڀ ڪنهن کي ٿا.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي نالي تي

وتائي فقير هڪ ڏينهن شهر ۾ گهمندي ڪنهن فروٽ وڪڻندڙ وٽ گدرا رکيل ڏٺا.

ڪنهن فقير گدرن واري اڳيان صدا هڻي چيو: ”خدا جي نالي تي ڏي.“

هن هڪ ڦتل گدرو ڪڍي ڏنس.

وتائي جو بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو سو ڪيسي مان ٽڪو ڪڍي گدرن واري کي ڏنائين ۽ چيائينس: ”هن جو تہ گدرو ڏيم.“

دڪاندار چونڊي هڪ سٺو گدرو وتائي کي ڏنو. اهو وٺي آسمان ڏي نهاري چيائين: ”تنهنجي نالي تي جيڪي مليو ٿي سو بہ ڏٺئي ۽ جيڪو ٽڪي ۾ ورتو اٿم سو بہ ڏس! بس يار! ماڻهن وٽ تنهنجو ملهہ ٽڪو بہ ڪونهي!“

عشق

هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي هڪ دوست سان اوپاريون لهواريون ڪري رهيو هو تہ، ڳالهين ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي.

فقير پڇيس: ”عشق“ ڇا آهي؟

دوست چيس: ”فقير، عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي، جنهن کي اندر ۾ عشق ناهي، سو انسان ئي ڪونهي.“

ان تي فقير چيو: ”يلا اهو عشق ڪنهن سان ڪبو آهي ۽ ڪيئن ڪبو آهي؟“

دوست چيس: فقير مرد جو عشق هميشه عورت سان ٿيندو آهي ۽ ان کي عشق جي اري ۾ اڙائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا آهن. ان کي پهرئين سنهون پتر پور ڪٽي هٽبو هوءَ

ڪجهہ نخرو ڪندي ۽ اک تيت ڪري مرڪندي. ائين عشق جو ڳاڍو اڳتي وڌندو آهي.“

اهي خبرون چارون ڪري، ٻئي موڪلائي روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن فقير گس وٺيو پئي ويو تہ ڏٺائين تہ: هڪ خوبصورت عورت پئي وڃي، فقير جي دل کي ڏاڍي وٽي وئي سو فقير ڇا ڪيو جو هڪ وڏو پٿر کڻي نڪاءُ ڪراياائينس ڪياڙيءَ ۾، عورت ويچاري ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي.

فقير ويجهو ويس تہ ڏسان، ڪا مرڪ منهن تي آئيس، پر ڇا ڏسي تہ مار مائي تہ ڏند شيڪيون پئي آهي، سو ان ڏانهن نهاري چيائينس: ”مون توکي پٿر هنيو هو تہ مون سان عشق ڪريا ائين ٻتيهي کڻي ٻاهر ڪڍ!“

نيت تہ هتي ايندا

هڪ دفعي وتائي جي ڳوٺ مان چوري ٿي وئي، سو ڳوناٽا چورن جا پير کڻي نڪتا، پر وتايو هڪدم ڊوڙي وڃي قبرستان ۾ ويهي رهيو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير، هتي ڇا وينو ڪرين؟“

چيائين: ”چورن جو اڳ تو جهليان، نيث تہ هتي ئي ايندا!“

انهيءَ ڏينهن کان پوءِ سنڌيءَ ۾ اها چوڻي عام آهي تہ: ”وتائي وارو اڳ جهليو اٿيئي!“

سونارو ۽ وتايو

هڪ ڏينهن هڪ سونارو ۽ وتايو فقير، ڪنهن مسافريءَ تي گڏجي نڪتا. پنڌ ڪندي ڪين سج

لهي ويو. رات جو فقير تہ گس تي ئي ليٽي پيو. پر سوناري وٽ هڪ سؤ روپيا هئا. سو پاسو وٺي وچي سمهي رهيو.

ٿوري رات گذري تہ ڪن چورن اچي وتائي کي جاڳايو ۽ چيائونس: ”جيڪي ڪجهہ اٿئي، سو ڪڍي ٻاهر ڪر.“

فقير، اکيون مهٽيندي چيو: ”ٻيلي آءٌ اهڙي خساري وارو ڪم ڪريان ئي ڪونہ.“

ٻئي چيو تہ: ”يار! چو اچي هن سچي کي ورتو اٿوَ؟“

ان تي وتائي فقير چيو: ”آءٌ ڪٽي سچو آهيان تہ خير، پر پريان هو سونارو تہ سچو ڪونهي، سؤ روپيا روڪڙا کيسي ۾ پيا اٿس!“

اهو ٻڌي چور سوناري کي ڦري آيا ۽ کانئس سؤ روپيا کسي ورتائون.

جڏهن چور هليا ويا تہ، سوناري، وتائي کي چيو: ”واهہ يار واهہ، تنهنجي چڱ مڙسي! هٿ وٺي مون کي چورن هٿان ڦرايئي.“

وتائي چيو: ”سوناري جو سؤ ويو تہ خير آهي، چورن اڳيان پاڻ کي سچو ثابت ٿوروئي ڪبو.“

سهپ

هڪ ڀيري وتايو فقير پنهنجو گس وٺيو پئي ويو تہ، اوچتو پير ۾ ڪنڊو لڳس، سو وٺي ڏانهون ڪيائين. سنڌس ڏانهن تي ماڻهو اچي مڙيا ۽ کانئس پڇيائون: ”ڪر خبر فقيرا! ڇا ٿيو؟“

چيائين: .الله سائين جا بہ قهر آهن. آءٌ ڪو ايوب عليہ السلام جهڙو صابر ڪونہ آهيان، جو هيءَ هري هري مون کي سهسائي ٿو. هينئر ڪنڊو هنيو اٿس جي نہ ڪڇيس تہ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياڻي پالو هٽندوا! ٻيلي پاڙ ۾ ايتري سهپ ڪونهي، ان ڪري وڻي رڙيون ڪيم ته من اڳتي تارو ڪري.“
اهو ٻڌي، ماڻهو کلي هليا ويا.

مئي سهايو پر ڏني نہ سهايو

هڪ ڀيري جي ڳالهہ آهي تہ، وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو واٽ تي ڏٺائين تہ ڪي ماڻهو لاش کنيو پيا اچن، ويجهو وڃي ڪائن پڇيائين: ”ڇا کنيو اٿوَ؟“
ماڻهن جواب ڏنس: ·انڌو آهين ڇا؟ ڏسين نٿو تہ لاش کنيو پيا وڃون!“
وتائي چيو: ”اهو تہ آءٌ بہ پيو ڏسان، پر اهو تہ ٻڌايو مرد آهي يا عورت!“
هنن چيو: ”عورت!“
وري پڇيائين: ”ڪنواري آهي يا پرڻيل؟“
هنن ٻڌايس تہ: ”ڪنواري!“
ان تي هڪدم چيائين: مار پيئوَ مئي سهايوَ پر ڏني نہ سهايوَ.

وڏو در

هڪ ڏينهن وتايو فقير مسجد جي پر مان لنگهيو تہ ڇا ڏسي تہ، هڪ مائيءَ مسيت جي در اڳيان دعا گهري رهي هئي تہ: ”وڏا در الله جا! پناهہ پاند ڏجانءِ.“
اهو ٻڌي، وتائي وراڻيس: ”مائي سڀوري، وڏا در تہ اوهان جا آهن، جن پيغمبر ۽ پير پيدا ڪيا ۽ جن اچي مسجدون جوڙايون.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دعا

ڪنهن مائيءَ وتائي فقير کي چيو: ”فقيرَ! دعا ڪر تہ، منهنجو ڇوڪرو روئي نہ!“

فقير جواب ڏنس: ”مائي! جيڪي هوندا، سي روئيندا ۽ جيڪي نہ هوندا، سي نہ روئيندا.“

دعوت

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن شاديءَ جي دعوت ۾ ويو. جڏهن ڄاڃين پٽ ڪائي بس ڪيو تہ، اٿندا ۽ پئو (منهہ ڏيندا پئي ويا ۽ هر ڪو پئو ڏئي پنهنجو نالو لکائيندو ٿي ويو. وتايو فقير بہ پوئي لکندڙ جي پر ۾ اچي ويٺو. ڪيس چيائين: ”لک، وتايو فقير ڏهہ روپيا!“

ماڻهن چيس: ”فقير تو تہ پئسا ڏنائي ڪونہ!“

چيائين: ”هڪڙو ڏيان نہ، ٻيو لکايان بہ نہ ڇا.“

بيماري ۽ دعا

هڪ سال وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ اچي وڏي بيماريءَ منهن ڪڍيو. ويچارا ماڻهو ڊوڙي فقير وٽ آيا ۽ چيائونس: ”فقيرا! خدا کان دعا گهر تہ، خير ڪري ۽ هيءَ موزي بيماري ٽاري!“

فقير جواب ڏنو: ”ابا! ڇڏيوس تہ بہ ٿي ڏينهن پلي موجون ماڻي، ۽ ماڻهو ماري دنگ ڪري. پوءِ ڪو نالي ونڻ وارو بہ ڪونہ هوندس.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڏي تڪڙ

هڪ سال وتائي فقير کي خيال ٿيو ته، ٻني پوکجي، سو هڪ شخص سان پاٿيواري ڪيائين. هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا گڏجي زمين تي ويا، انهيءَ شخص جهنگ وڍڻ شروع ڪيو ۽ وتائي کي چيائين: ”فقيرا! تون وڃي ٽانڊو ڪڻي اچ، ته هيءَ جهنگ ساڙيون.“

وتايو فقير اتان روانو ٿيو. ڪافي انتظار بعد به وتايو ڪونه وريو سو سندس پاٿيوار ويچارو راهه نهاريندو رهيو ته اجهو ٿو فقير ٽانڊو ڪڻي اچي، پر سج لهڻ تائين وتائي جي ڪابه خبر نه پئي، نيٺ بيزار ٿي هو به گهر موٽيو ۽ ٻئي ڏينهن اڪيلو ٻنيءَ تي هليو ويو. اهڙي طرح هو پنهنجي سر ٻنيءَ تي ويندو رهيو. ٻني به پوکجي راس ٿي ۽ پچي به ويئي. اَنُ صاف ٿيو ۽ ونڊڻي شروع ٿي. وتائي فقير کي خبر پئي ته، اڄ فلاڻي هاريءَ جي ونڊڻي آهي، سو ٽانڊو ڪڻي ڊوڙندو آيو ۽ جيئن ئي ٻار کي ويجهو پهتو تڪڙو تڪڙو هلڻ شروع ڪيائين ته، پير ترڪي پيس ۽ وڃي ڪِريو.

ماڻهن چيو: ”مارا فقير ايڏي تڪڙ! ٽانڊو ٿي ڪيرائي ڇڏيئي.“

ان تي وتائي اٿندي وراڻيو: ”ادا! بس ماريو ته انهيءَ تڪڙ آهي نه!“

سيني کي ٻڌائي ڇڏجو

هڪ ڀيري وتائي فقير ڏڳو خريد ڪيو اهو ڪاهي ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو ته، واٽ تي هڪ شخص مليس، جنهن پڇيس ته: فقيرا! ڏڳو گهڻي ورتئي؟“

جواب ڏنائين: ٻن روپين ۾.“

وري ٿورو اڳتي هليو ته، ٻيو شخص مليس، تنهن پڇيس ته: ”فقير ڏڳو گهڻي مليئه؟“

ان کي به جواب ڏنائين: ”ادا! ٻن رپئين ۾.“

اهڙيءَ طرح ڳوٺ تائين پهچندي پهچندي، ڪيترن ئي ماڻهن کانئس ڏڳي جي قيمت پڇي. جڏهن ڳوٺ کي ويجهو پهتو ته، دل ۾ خيال ڪيائين ته، جيڪر ڏڳو ڳوٺ ۾ ڪاهي پهتس ته، سيڪو اچي ڏار ڏار بها پڇندو پوءِ ته منهنجو سر ئي ويو. ان ڪري ڪا اهڙي تجويز ڪجي، جو هڪ ئي ڀيري سموري ڳوٺ کي قيمت جي خبر پئجي وڃي. سو جڏهن ڳوٺ جي ويجهو پهتو ته، هڪ وڻ تي چڙهي، وٺي دانهون ڪرڻ لڳو. ماڻهن جو سندس رڙيون ٻڌيون ته، سيئي ڊوڙندا اچي گڏ ٿيا ۽ کانئس پڇيائون: ”فقير رڙيون ڇو ٿو ڪرين؟“

”ادا! مون هي ڏڳو! فلاڻي ماڻهوءَ کان ٻن روپين ۾ ورتو آهي، سڀ ڏسي ڇڏيو ۽ وري مون کان نه پڇجو ۽ جيڪو هتي نه آيو هجي، ان کي به ٻڌائي ڇڏجو!“

ڏاڍي کان پري ڀلو

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تي پري هليو ويو ۽ کيس ڪيترائي ڏينهن گذري ويا. سندس ماءُ چا ڪيو جو سامان کڻي وڃي سيد جي پاڙي ۾ ويٺي. جڏهن وتايو مسافريءَ تان موٽي آيو ته، اچي ماڻهن کان پڇيائين: ”امان ڪيڏانهن ويئي؟“

ڪنهن چيس: ”وڃي سيد جي پاڙي ۾ گهر اڏيو اٿس.“

نيٺ ڳولي ڳولي وڃي کيس هٿ ڪيائين ۽ چيائينس: ”امان! تون هتي ڇو اچي ويٺي آهين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چيو: ”ابا! هتي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن، تڏهن اچي سندن پاڙي ۾ پئي آهيان.“

وتائي چيو: ”امان قهر ڪري ڇڏيئي!! ڏاڍي ڪان جيترو پري، اوترو پلو هاڻ جي سيد ڪاوڙجي ته به وتايو منو ۽ جي امان ڪاوڙجي ته به وتايو منو!!“

ٻوڙي تائين ڏيپ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ڪنهن روپيو ڏنو سو پٽڪي ۾ ٻڌي ڇڏيائين، رات جو ڪيس اچي ڪتڪو ٿيو سو ننڊ ئي نه پئي اچيس، نيٺ صبح ٿيندي ئي گهران نڪتو ۽ گس ۾ هڪ ٻوڙو ڏسي، روپيا ڪڍي ان ۾ اڇلايائين. اڳتي وڌيو ته، ڪي ماڻهو مليس، انهن مان هڪ پڇيس ته: ”فقيرا واڻ تي ڪو ڏيپ ڏاءُ ته ڪونهي؟“

وتائي فقير چين: ”ٻيلي! انهيءَ ٻوڙي تائين ڏيپ اتوَ اڳتي خير آهي!“

هو به خوش ۽ آءٌ به خوش

هڪ ڏينهن وتائي فقير وٽ ڪي مهمان اچي نڪتا، هن مسڪين وٽ هڙ ۾ ڪجهه به ڪونه هو جو ڪين ڪجهه وٺي ڪارائي. اوچتو هڪ ڇوڪر اچي اتي ڪهرن جو هوڪو ڏنو. وتائي فقير اتي ڪيس سڏ ڪيو ۽ سڀ ڪهرُ تورائي ڪڍي مهمانن جي اڳيان رکيائين. جڏهن ڇوڪر پئسن جي گهر ڪئي ته، اتندي ئي به تقڙ هٽي ڪيڊيائينس، ڇوڪر روئڻ لڳو. گهڙي گذري ته، هڪ شخص آيو ۽ اچي فقير کي پئسا ڏنائين، فقير يڪدم اتيو ۽ ڇوڪر کي پئسا ڏيئي روانو ڪري ڇڏيائين.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمانن پڇيس تہ: ”فقيرا! تو اهو ڇا ڪيو؟“

جواب ڏنائين تہ: ”مون وٽ هتڙ ۾ ڪجهہ بہ نہ هو ڏنم تہ، خدا کي سوال ڪندس تہ اهڙو تڪڙو اصل ڪونہ ٻڌندو سو ڇوڪر کي وٺي تڪڙ هنيم. هن جو دانهون ڪيون تہ، ڏسو! تہ ڪيئن نہ ٻڌي ورتائين ۽ پئسا تڪڙا بہ موڪلياڻين. هاڻي هو بہ خوش ۽ آءٌ بہ خوش!“

ٽانڊا

هڪ ڀيري وتايو فقير، پنهنجي ماءُ سان گڏجي، ڪيڏانهن سفر لاءِ نڪتو. هلندي هلندي واٽ تي رات پئجي وين. ماڻس، فقير کي چيو: ”ابا! ڪٽان ڪو ٽانڊو ڪٺي اچ تہ، ماني پچائي وٺان.“

فقير جواب ڏنس: ”امان! هتي رڻ پٽ ۾ ٽانڊو ڪٿان آيو؟“

ماڻس ڪاوڙ مان ورائيو وڃيءَ دوزخ مان ڪٺي اچ.

فقير چيو: ”امان! دوزخ ۾ ٽانڊو آهي ئي ڪونہ!“

ماڻس حيران ٿي پڇيس: ”ابا! هي جو ماڻهو چوندا آهن تہ، گنهگارن کي دوزخ جي باهہ ۾ ساڙيو ويندو سو ڪيئن؟“

فقير وراڻيو: ”ٽانڊو هر ڪو هتان ئي ڪٺي ويندو.“

سچائي بہ ڪم تي اچي

هڪ ڀيري ساوڻيءَ موسم ۾ درياهہ اٿلڻ سبب وڏي ٻوڏ آئي. سڄو سڄي شهر کي ٻوڏ جو خطرو ٿي پيو. ماڻهن کي اچي ساهہ جي لڳي ۽ هر ڪو تيز ڊوڙڻ ۾ لڳي ويو. وتايو بہ پنهنجون بہ ٽي رليون ۽ مختصر سامان کڻي شهر کان ٻاهر ٿي نڪتو. ماڻهن جي اها حالت ڏسي چيائين: ”وقت تي سچائي بہ ڪم تي اچي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڙ

هڪ ڀيري ڪنهن واهه جو بند ڀڄي پيو اتي جي زميندار پنهنجي ڪمدار کي حڪم ڏنو ته: "چيڙ وٺي وڃ ۽ بند ٻڌائي اچ." ڪمدار چيڙ وٺي وڃي ڪم شروع ڪيو. گهارو تمام زبردست پيو هو ان ڪري بند ٻڌجي ئي نه پيو. ڪمدار ماڻهن تي گهڻو ئي گوڙ ڪيو پر هنن ويچارن جو پاڻيءَ سان ڪهڙو وس!؟ سو وڏيءَ ڪوشش باوجود به بند ٻڌي نه سگهيا.

انهيءَ بند جي پرسان عام گس هو ڪمدار خيال ڪيو ته: هاڻي جيڪو به ماڻهو اتان لنگهندو وڃي، ان کي به ڪم تي لڳائيندو وڃان، ورنه شام تائين بند نه ٻڌو ته، زميندار مچرجي پوندو.

اتفاق سان انهيءَ مهل وتايو ۽ ٻه ٻيا همراهه به اتان اچي لنگهيا. ڪمدار هڪل ڪئي، "ويندڙ خبرون ڏيو؟"

هنن جواب ڏنس: "اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو آهيون، سندس ڪم سان پيا وڃون، ٻيو سڀ خيرا!"

ائين چئي هو هليا ويا. پوءِ ڪمدار فقير کان پڇيو "تون ڏي خبرا ڪنهن جو ماڻهو آهين؟".

وتائي چيو: "خدا جو ماڻهو آهيان."

ان تي ڪمدار چيو: "هُل ڙي هل! تون خدا جون ماڻهو آهين ۽ ٻيا چورن جا!، هل هلي ڪم ڪر!ءِ."

اهو ٻڌي وتائي فقير آسمان ڏانهن ڏنو ۽ چيائين: "اي خدا! تنهنجومان ته وڏيري جهڙو به ڪونهي."

صحيح نہ ڏنئي

هڪ ڏينهن وتائي فقير جي گهر ۾ اَنُ ڪپي ويو. ماڻس ٻڌايس: ”ابا! اڄ گهر ۾ اَنُ خير ڪو آهي.“

فقير هڪدم اٿيو ۽ ڏو مسجد ۾ گهڙي ويو. پنو قلم کڻي، رب پاڪ کي مخاطب ٿيندي چيائين، ”جي ڪتو آهين تہ صحيح ڏي.“

اوچتو انهيءَ مهل مسجد جي در وٽ فقير کي سڏ ٿيو. ڏسي تہ، هڪ شخص گڏهہ تي ان جي ڳوڻ رکيو ڪيس پيو سڏي. جڏهن فقير انهيءَ شخص وٽ آيو تہ هن چيس: ”فقير! هيءَ ڳوڻ تنهنجي لاءِ آندي اٿم.“

وتائي ڪلي ڏنو ۽ چيائين: ”صحيح نيٺ ڪانہ ڏنئي باقي اَنُ موڪلي ڏنئي!“

خدائي ورڇ

هڪ ڀيري ڳوٺ واري مسجد ۾ ڪنهن جماعتيءَ، نمازين ۾ مٺائي ورهائڻ لاءِ آندي. وتايو فقير بہ اتي موجود هو. سيني جماعتين فقير کي چيو: ”فقير تون اتي مٺائي ورهاءِ.“

فقير چيو: ”ٻڌايو خدائي ورڇ ڪريان يا ماڻهن واري؟“

سيني چيس: ”فقير! خدائي ورڇ ڪر، ڀيو ماڻهن واري ڪهڙي؟“

هن ڇا ڪيو جو ڪنهن کي ٻُڪُ پري ڏنائين تہ ڪنهن کي بلڪل ٿورڙي، ڪنهن کي تہ وري ڪَٽو بہ ڪونہ ڏنائين.

جڏهن سموري مٺائي ورهائي دنگ ڪيائين تہ، ماڻهن چيس: ”واهہ فقير واهہ! هي ڇا ڪيئي؟“

جواب ڏنائين: ”ماڻهن واري ورچ تي اوهان مون کي ڪرڻ ٿي ڪانہ ڏني، باقي خدائي ورچ تہ اها آهي، جو ڪنهن کي بک تہ ڪنهن کي ڏؤ! ڪنهن کي تورو تہ ڪنهن گهڻو!!“

وتايو فقير ۽ حلوائي

هڪ ڀيري وتايو فقير هڪ حلوائيءَ جي دڪان جي ڀرسان اچي لنگهيو. ڏٺائين تہ قسمين قسمين مٺاين جا ٿالهہ ڀريا پيا آهن، پر حلوائي ماٺ ڪريو ويٺو آهي. هن چا ڪيو جو آڱر وڌائي حلوائيءَ جي اکين ۾ هڻڻ لڳو. حلوائيءَ چيس تہ: ”فقيرا اهو ڇا ٿو ڪرين؟“

هن چيو: ”سڄو آهين ڇا؟“

دڪاندار چيو: ”ها!“

ان تي وتائي چيس: ”جي سڄو آهين تہ پوءِ هيترا مال ڏسيو ماٺ ڪيو ڪيئن ويٺو آهين؟“

دڪاندار جواب ڏنس: ”جيڪڏهن مان پاڻ ويٺو کاوان، تہ منهنجو گهر تباهہ ٿي ويجي!“

ان تي وتائي فقير هڪدم چيو: ”چڱو! تون اتي، تہ آئون ٿو کاوان، پلي منهنجو گهر تباهہ ٿئي.“

ڏڪا تہ نہ ڏي

هڪ ڏينهن وتايو فقير خدا تعاليٰ کان دعا گهري رهيو هو. هٿ مٿي کڻي، سوال ڪندو پوئتي هٽندو ويو. پٺيان ڪا کڏ هئي، جنهن جي کيس خبر ئي ڪانہ پئي، هو پوئتي هٽندي، هٽندي اوچتو وڃي انهيءَ کڏ ۾ ڪِريو.

يڪدم مٿي نهاري چيائين: ”دعا نہ ٻڌين تہ نہ ٻڌ. پر ڌڪا تہ نہ ڏي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سومهڻي جي نماز

وتائي فقير جي ڳوٺ ۾ رات جو هڪ شخص سج لٿي بعد گذارري ويو سو ٻئي ڏينهن صبح جو ڪنهن شخص فقير کي چيو تہ: ”فقيرا رات پاڻ وارو يار گذاري ويو. ڏاڍو چڱو ماڻهو هو.“

کهڙي وقت وفات ڪيائين.

همراهہ وراڻيو: بس! فقير چا ٿو پڇين سج لٿي جي نماز پڙهي، ڪي گهڙيون گهر ۾ مس وينو تہ اوچتو روح پرواز ڪري ويس.

فقير کلي چيو: ”ادا! چڱو ٿيو چٽي پيو سومهڻي جي نماز کان!“

گڏهہ ۽ ڍڳي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي، هو ڪيس روز گاهہ آڻي ڏيندو هو. اتفاق سان هڪ گڏهہ اچي هريو ۽ روزانو ڍڳيءَ جو گاهہ کائي ويندو هو. فقير ان کي هڪلي هڪلي تڪجي پيو ۽ جڏهن گهڻو بيزار ٿيو تہ، رب پاڪ کي سوال ڪيائين، ”ڏاڍي منهنجا! هن گڏهہ کي مارا!“

صبح ٿيو تہ ڏسي تہ سندس ڍڳي مئي پئي آهي. فقير يڪدم گهران نڪتو ۽ وڃي هڪ انڌي کي وٺي آيو. ان کي چيائين: ”هي مئل جانور تہ سڃاڻ!“

هن هٿ لائي چيس: ”هيءَ ڍڳي آهي.“

ان تي ڪنڌ مٿي ڪري چيائين: ”اي الله! انڌي کي بہ سڃاڻپ آهي تہ هيءَ ڍڳي آهي. وڏيڪ چا چوان؟!“

ڏٽيءَ جي ياد

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو ۽ واٽ تي "لاالهٰ الاالله" جو ذڪر ڪندي پئي ويو. ڀوڀان ڪجهه ماڻهو پٺيان آيا. سي فقير جي ويجهو پهتا ته هنن سندس ذڪر ٻڌي سمجهيو ته هيءَ ڪو درويش آهي، ان ڪري انهن ماڻهن مان هڪ شخص کيسي مان رپيو ڪڍي، فقير کي ڏنو.

فقير رپيو وٺي، اڳتي هليو. کيس دل ۾ اچي خيال ٿيو ته انهيءَ رپئي جو ان وٺان يا ماءُ لاءِ ڪپڙا. انهيءَ خيال ۾ ڪانئس ذڪر وسري ويو ۽ اچي ڳڻتيءَ ورايس. وري خيال آيس ته، هن رپئي ته مون کان الله جو نالو ئي وسارائي ڇڏيو. رپئي کي کيسي مان ڪڍي، اڇلي ڇڏيائين ۽ چيائين، "رڳو هڪ رپئي ئي مون کان الله جو نالو وسرائي ڇڏيو آهي، ته پوءِ جن ماڻهن وٽ جججهي دولت آهي، سي ڪيئن ڏٽيءَ کي ياد ڪندا هوندا؟"

امان جي وس

وتايو فقير، هڪ ڀيري ڪنهن ڪچهريءَ ۾ وينو هو ته، اتي هڪ شخص ويٺي ٻين کي نصيحت ڪئي: "ادا، سڀ ڪجهه الله سائينءَ جي وس آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي."

ان تي وتائي فقير کلي ڏنو.

ماڻهن پڇيس: "فقير تون ڇو ٿو کلين."

چيائين: "اهو سڀ سچ آهي ته، هر ڪا ڳالهه رب جي وس آهي، پر هڪ ڳالهه امان جي به وس آهي!"

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”اها ڪهڙي؟“
چيائين: ”وٺيس تہ پٽ رڌي — وٺيس تہ ماني پچائي!“

ڪهڙي ڦهار جو نالو وٺئي!

هڪ ڀيري وتايو فقير درياهہ جي پرينءَ پر تي ويو سو ٻيڙيءَ تي چڙهي وينو. جڏهن ٻيڙي پرجي ويئي، تہ مهاڻي الله جو نالو وٺي ٻيڙي ڇوڙي. وتايو تپ ڏئي لهي پيو ۽ چيائين تہ: ”ڪهڙي ڦهار جو نالو ورتو اٿيئي!“

انهيءَ تي ٻيڙيءَ ۾ وينلن مان ٻہ ٽي جٽا بہ لهي پيا. ٻيڙي اڳتي هلي. جڏهن وچ سير تي پهتي تہ خدا جي ڦهر سان اوچتو ئي اوچتو اونڌي ٿي پيئي ۽ ٻڏي ويئي.

آءُ ڪٿي ڪائيندس

هڪ دفعي وتائي فقير پني پوڪائڻ جو خيال ڪيو. ماڻهن کي ونگار لاءِ چيائين، جيڪي جوڙا ڪاهي آيا ۽ کيس سڄي پني ڪيڙي ڏنائون. جڏهن پني ڪيڙي بس ڪيائون تہ، چيائونس: ”فقير هاڻي پٽ ڪاراءِ!“

اهو ٻڌي وتايو فقير اچي روئڻ لڳو.

ماڻهن پڇيس: ”فقير ڪر خبر روئين ڇو ٿو؟“

چيائين: ”ادا! روئان ان ڪري ٿو تہ، توهان تہ ماني وڃي پنهنجي گهر بہ کائيندؤ پر آءُ ڪٿي ڪائيندس؟“

ڇڱو ٿيو

هڪ ڀيرو وتايو فقير ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ، واٽ تي سڄ لهي ويس، وٽس کيسي ۾ هڪ رپيو پيو هو. ان

ڪري ٻپ اچي تيس، تہ متان ڦورو ڦري وڃن ۽ پئسا هوندا، تہ جان جو بہ ٻپ آهي، ان ڪري اهڙي شيءِ ئي نہ هجي تہ چڱو. اهو سوچي، روپيو ڪيسي مان ڪڍي، هڪ ڪرڙ جي وڻ جي پاڙ ۾ اجلائي ڇڏيائين ۽ پاڻ اڳتي هليو ويو.

صبح جو ڪو ڏنار مال ڪاهي اچي اتان لنگهيو تنهن جي نظر وجي ريئي تي پئي. ڪرڙ ۾ رپيو ڏسي سمجهيائين تہ، پڪ هتي ڪو خزانو لڪل هوندو سو ڪهاڙي ڪٺي سڄو ڪرڙ وڍي ڇڏيائين، پر پوءِ بہ پئسا هٿ نہ اچڻ تي ڪوتي پاڙون بہ ڪڍي ڇڏيائينس.

وتايو فقير بہ – تن ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن ڳوٺ ڏانهن موٽيو، سوچيائين تہ ڪرڙ مان روپيو ڪنيو وڃان. جڏهن اتي پهتو تہ، ڏٺائين، ڪرڙ آهي ئي ڪونہ ۽ اتي ڪڏ لڳي پيئي آهي، ڪو ڪرڙ جون پاڙون يعني لاهہ بہ ڪڍي ويو آهي.

حيران ٿي چيائين: ”وڃ! چڱو ٿيو جو روپيو اجلائي ڇڏيم، نہ تہ منهنجا بہ ائين ئي لاهہ نڪري وڃن ها!“

ڏئي ٿو پر ڪنگهائي

ڳالهہ تا ڪن تہ وتائي فقير کي پلاءُ ڏاڍو وڻندو هو سو هڪ ڏينهن خيال ڪيائين تہ ماڻهو چون ٿا تہ خدا رازق آهي، سو آءٌ بہ آزمودو تہ وٺان، واقعي اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ.

اهو خيال ڪري، شهر ڪان ٻاهر نڪتو ۽ هڪ واهہ جي، ڪناري تي بينل هڪ وڻ تي چڙهي وڃي ويٺو. انهيءَ حالت ۾ ڪيس بہ ڏينهن گذري ويا، پر ڪتان بہ ڍاڪون پرجي نہ آيو. ٽئين ڏينهن ڪو رئيس شڪار لاءِ اتي پهتو ۽ ان وڻ جي

ڇانوَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو (جنهن تي وتايو ويٺو هو) رئيس جا ماڻهو رڌ پچاءَ ۾ لڳي ويا. جڏهن ماني رڌجي تيار ٿي ته، رئيس نوڪرن کي حڪم ڏنو: ”پهرئين ٿالهي، پريان جيڪو اچو قبو نظر پيو اچي، اتي وڃي خدا ڪارڻ ڏيئي اچو.“

وتائي فقير ڏنو ته، هاٿي جيڪڏهن ماٺ ته ڪيان ته اج به بک تو مران، ان ڪري وٺي زور سان کنگهيائين. جڏهن رئيس کنگهڪار ٻڌي ته، مٿي ڏٺائين. ڇا ڏسي ته فقير وڻ تي ويٺو آهي. ان کي ڏسي چيائين: ”فقير، هيٺ لهي اچ ۽ اچي پيٽ ڪاءِ.“

فقير وڻ تان لهي آيو ۽ پيٽ ڪائي ڳوٺ موٽيو ماڻهن پڇيس: ”فقيرا ڪر خبر — ٻه ٽي ڏينهن ڪيڏانهن گم ٿي ويو هئين؟“

چيائين: ”ٻڌو هوم ته خدا رازق آهي، سو ان جو آزمودو وٺڻ ويو هوس!“

ماڻهن حيران ٿي پڇيس: ”پوءِ پلا ڇا ٿيو؟“

جواب ڏنائين: ڏئي ٿو پر کنگهائي پوءِ ٿو ڏئي!“

روزو کولڻ

هڪ سال وتائي فقير رمضان شريف ۾ جمع جو روزو رکيو. شام ٿي ته، نماز پڙهڻ ۽ روزو کولڻ لاءِ مسجد ۾ آيو. جڏهن روزي کولڻ جو وقت ٿيو ته، ملان، فقير اڳيان دال ۽ جوئر جي ماني آڻي رکي ۽ جيڪي آسودا نظر آيس، تن جي اڳيان ٻوڙ ۽ پلاءُ رکيائين. اتفاق سان ٻن ڄڻن جو گوشت جي ٻوڙ تان جهيڙو ٿي پيو.

هڪ چيو: ”تو گهران رڌل پٽاٽا آندا آهن، اهي ڇو نٿو کائين؟“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڇيو: ”جي گوشت کاڌم تہ ڇا ٿيو تنھنجو نفس گوشت کائڻ لاءِ ڇوي ٿو ۽ منھنجو نہ؟“

ٻنھي ۾ جھيڙو وڌي ويو ۽ ھڪٻئي کي گارگند ڪيائون. نيٺ ماڻھن وچ ۾ پئي جھيڙي کي ٽاريو.

فقير جو اھا حالت ڏٺي، سو اتي ملان وٽ ويو ۽ چيائينس: ”توکي شاباس ھجي، جو مون کي گوشت جو ٻوڙ نہ ڏنئي، نہ تہ منھنجو نفس بہ ھري پوي ھا ۽ آءُ روز پيو اچان ھا ۽ اھڙا جھيڙا پيو ڏسان ھا.“

وڏيڪ ڇا چوانءِ

ھڪ ڀيري وتائي فقير کي ڪيڏانھن پري وڃڻ جو خيال ٿيو. سوچيائين تہ: ايترو پنڌ ڪري نہ سگھندس. ان ڪري ڪو جانور ھٿ ڪريان تہ، ان تي چڙھي وڃان، پنڌ کان بہ بچي ويندس ۽ تڪڙو بہ پھچي ويندس. اھو سوچي، سڄي ڳوٺ ۾ ماڻھن کان سوال ڪيائين، پر ڪنھن بہ ويچاري کي ڪو جانور ڪونہ ڏنو. نيٺ، مايوس ٿي گھر ڏانھن موٽيو. اتفاق سان گس ۾ ھڪ ماڻھو گڏيس، جيڪو گڏھہ تي. وڃي رھيو ھو. ان کي سوال ڪيائين: ”ٻيلي! مون کي ضروري ڪم سان وڃڻو آھي، پنڌ گھڻو آھي ۽ پنڌ ھلڻ جي ھمت ڪانھيم. ان ڪري مھرباني ڪرين تہ، ھڪ — ٻن ڏينھن لاءِ گڏھہ ڏينم، تہ ڪم لاھي اچان.“

ان شخص کي روح ۾ رحم پيو سو کيس چيائين: ”فقير گڏھہ حاضر آھي، تون ٻلي ڪاھي وڃ.“

وتايو فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کان گڏھہ وٺي، ان تي چڙھيو جڏھن ڳوٺ کان ٻاھر نڪتو تہ سوچيائين: ڏنڊو ھڻانس تہ تکو ھلي، جيئن جلد پھچي وڃان. اھو سوچي،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گڏهہ کي ڏنڊو هنيائين، تہ هن وٽني فقير کي ڪڏايو ۽ فقير ويچاري آچي پٽ تي ڦهڪيو ڪيو.

هڪدم ڪپڙا چنڊي اٿيو ۽ چيائين: "توکي جيڪو چوٽو هيم، سو تہ تون اڳي ئي آهين، هاڻي وڌيڪ ڇا چوانءِ؟"

هيچ کان بچڻ

هڪ ڏينهن وتائي فقير کي ماڻس چيو: "ابا! روڪڙ ڪٿي پئي آهي، هاڻ تہ الله سائين کي سوال ڪر تہ ڪجهہ ڏياري."

فقير گهر ۾ بيٺل ٻير تي چڙهي، ان کي ڌوٽيو تہ منجهانئس روپين جو مينهن وسي پيو. ان مان هڪڙو روپيو ڪٽي اچي ماءُ کي ڏنائين.

ماڻس چيس: "ابا! ايترن روپين مان فقط هڪڙو روپيو ڪٽي آيو آهين؟

فقير چيو: "ماٺ ڪر، هيچ نہ ڪر، الله سائينءَ کي ريچڪ آيئي تہ اُهو بہ ڪسي وٺندءِ!"

ڪاوڙجي ڌوڏ نہ وٺئي

وتائي فقير وٽ هڪ ڍڳي هئي. ماڻس جو ان سان تمام گهڻو پيار هوندو هو. خدا جي قدرت سان هڪ سال اچي مال ۾ ساٿو پيو. ٻاڳين جا ٻاڻ خالي ٿي ويا. غريب غربي جي دانهن مچي وئي. ڪنهن وٽ ڪو هڪ بہ وهٽ هئا، سي اهي بہ مري ويا. وتايو فقير بہ انهيءَ ڏک کان بچي نہ سگهيو. ڍڳي هيس سا بہ مري ويس. ماڻس کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ اچي روئڻ ۾ ڇنڪي، سو بس ئي نہ ڪري. وٺي دانهون ڪري چوي، الله کي بہ اچي اسان جي ڍڳي سُجهي. اسان

جي مسڪينيءَ تي کهل ڪانہ آيس. اها بہ ڪسي ورتئين. تڏهن وتائي فقير چيس: ”ماٺ ڪر، مورڳو الله سائين ڪاوڙجي ڏوڌ نہ ونيئي.“

سٽين ٿو پر سمجهين نہ ٿو

وتايو فقير ڪنهن سفر تي نڪتو. پنڌ جي تڪليف ڪري الله سائين کي سوال ڪيائين: ”مولي! اڄ تہ ڪا سواري ڏيار تہ چڙهانس.“ اڳتي هليو تہ هن کي هڪ پوليس وارو ڏسڻ ۾ آيو. ان جي گهوڙي گس ۾ ويامي پيئي هئي. سو انهيءَ تاڙ ۾ هو تہ ڪو ماڻهو اچي تہ گهوڙيءَ جو ڦر کڻايانس. تنهن جو فقير کي ڏٺو سو سڏي چيائينس: هيءُ ڦر کڻ. فقير ويچارو ماٺ ڪري ڦر کڻي هليو. تان جو ٿاڪي تي آڻي ڦر کي لاٿائين. جڏهن ٿاڪي کان نڪتو تڏهن کلي خدا کي چيائين: ”سٽين تون پر سمجهين ڪونہ ٿو! مون توکي چيو تہ سواري ڏيار تہ آءٌ چڙهانس يا مون تي سوار ڪراءِ!“

خرچ تہ سندس ئي وڌيو

هڪ دفعي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. ماڻهو مڙئي وتائي فقير وٽ آيا.

چيائونس: ”فقير هر ڪو وڃي پيو راهہ رباني ونيو ائين تہ ڳوٺ خالي ٿي ويندو. تون ڪا ڏٽي در دعا گهر تہ هاڻ ڪٽي بس ڪري ۽ هيءُ مصيبت ٽري.“

جواب ڏنائين تہ: ”ابا! اوهان کي کهڙي ڪس، خرچ تہ سندس ئي وڌيو.“

هٿ وٺي ٻيڙي پيو ٻوڙي

وتائي فقير جو گهڙو چور چورائي ويا. فقير ڇا ڪيو جو ويو مسجد ۾، اتي ٺاهوڪو دلو ڏسي وجي ڪنياٻين.

ملي چيس: ”فقير هي ڇا ٿو ڪرين؟“

فقير چيو: ”دلو ڪپيم ٿو سو ٻئي هنڌان ڪٽندس ته مالڪن کي خبر پئجي ويندي ۽ چور ڪري ڪٽي ٻڌندم. هن يار جو ڪنيو ٿو وڃان جو هن کي نڪا پئي خبر نڪا چار. ٻي اونو هليو ويندس.

ملي چيو: ”نه فقير نه، تون ڀليو آهين! هو ته عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهه ڄاڻي ٿو.“

وتائي فقير چيو: ”ها! سڀ خبر پويس ٿي. تڏهن چئبو ته لچن کي پناهه پاڻ ٿو ڏئي. هي ته هٿ وٺي اسان جي ٻيڙي پيو ٻوڙائي.“

هاٿي مچندو ڏوڙ

وتايو فقير هڪ دفعي ڪنهن اڀري گهوڙي تي چڙهيو پئي ويو. اڳيان هڪ شخص پڇيو: ”فقير، تنهنجي گهوڙي کي ڇا ٿيو آهي جو تمام اڀرو ٿي ويو آهي؟ داڻو پاڻي ڪونه ٿو مليس ڇا؟

فقير چيو: ”ادا! داڻو ته مون وٽ آهي ڪونه، اهو ته آهي الله وٽ، سو نٿو ڏئيس. گاهه ڪرڻ جي طاقت مون ۾ به ڪانهي. وري منهنجو گهوڙو به آهي خارباز پاڻي پيئڻ هن به ڇڏي ڏنو آهي. هاٿي مچندو ڏوڙ!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائو ڪائو

وتائي جي ڳوٺ جي پر واري ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن دمامن جون ڌمالون ۽ ديڳين جا دس پئي لٿا. فقير به پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو چني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي نهاريائين، پر ڪنهن سڪٽي صلاح به ڪانه ڪيس. ٻيا جيڪي اوچن ڪپڙن ۾ ماڻهو پئي آيا، تن کي وٺي عزت سان پئي ويهاريو ويو ۽ کين ماني تڪي پئي کارائي وئي.

فقير ويهي ويهي نيٺ اٿيو ۽ هڪ ڪٺيءَ وٽ آيو. اُن کان مسواڙ تي ڪپڙا وٺي، پائي، ڏاڍي ٺٺ سان اچي چني ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا ۽ وٺي وڃي باعزت طريقي سان ويهاريائونس. يڪدم ٻوڙ پلاءَ اچي ويا ۽ فقير جي اڳيان رکجي ويا.

فقير ڪپڙن ۾ هٿ وجهيو انهن کي پيو چوي: ڪائو ڪائو!

ماڻهن چيس ته: ”چريو آهين ڇا؟“

چيائين: ”ادا! آءٌ ته اڳ ۾ به آيو هئس، پر ڪپڙا هيم ميرا سيرا سو ڪنهن ڪيڪاريو ئي ڪونه پئي، هاڻ جا خوشامد پيا ڪيو سا پڪ ڪپڙن ڪري آهي، ان ڪري جن ڪري مانُ مليو آهي، اول انهن کي تي کارايان!“

آءٌ هجان ۽ سئيون

ڳالهه ڪندا آهن ته، وتائي فقير کي سيويون گهڻيون وڻنديون هيون. هڪ ڏينهن خدا کي سوال ڪيائين: ڏاڻي منهنجا! اڄ هڪڙو نماڻو سوال ته منهنجو به ٻڌ! رمضان جي عيد اچي، ماڻهو سيون رڌين، جڏهن رڌي بس ڪن، تڏهن سڀ مري وڃن. آءٌ ۽ امان وڃون ۽ وڃي سڀ سيون ميڙي

گھر ڪٽي اچون. جڏھن سڀ سيون گھر ۾ اچي وڃن، تڏھن امان بہ مري وڃي، پوءِ تہ آءٌ ھجان ۽ سيون.

پٺاڻن جو گھر ھيءُ آھي

ھڪ ڏينھن وتايو فقير پنھنجي گھر آيو ڏنائين تہ، دروازي جي پرسان ھڪ ڇوڪرو وينو تورو ڪري، ڪانئس پڇيائين: ڇوڪرا ڪنھن جو پٽ آھين؟

ڇوڪر جواب ڏنس: ”الله جو.“

تڏھن يڪدم ڪيس ٻانھن ۾ ھٿ وجھي، وٺي وڃي مسجد جي در وٽ ويٺو ۽ چيائينس: ”ابا پراوا گھر نہ وڃاءِ، پٺاڻن جو گھر ھيءُ اٿئي.“

آءٌ مئو پيو آھيان

ھڪڙي ڏينھن وتايو فقير گھران ڪاوڙجي نڪتو. چيائين تہ: بس آءٌ ھاڻ مري ٿو وڃان. پوءِ اتان نڪري اچي مقام ۾ ويھي رھيو. اوچتو ھڪ گاڏي اچي اتان لنگھي. اڳيان گپ ھئي، تنھن ڪري گاڏي ڦاسي پيئي. گاڏيءَ واري ويچاري گھڻي ئي حيلا ڪيا، پر گاڏي نڪري نہ سگھي. ھيڏانھن ھوڏانھن نھاريائين تہ، وتائي فقير کي پريان مقام ۾ سٽل ڏٺائين، سڏ ڪري چيائينس: ”درويش مون کي گاڏي ڪيڍائڻ ۾ تہ اچي مدد ڪر.“

وتائي فقير چيس: ”ادا! آءٌ مئو پيو آھيان، نہ تہ تنھنجي گاڏي سوير ئي نڪري وڃي ھا.“

هت ڪونہ مربو

وتايو فقير گهمندو گهمندو سير ڪندو ڪنهن شهر ۾ وڃي نڪتو. اتي سندس چاڻ سڃاڻ ڪانہ هئي، تنهن ڪري مسافرخاني ۾ وڃي ٽڪيو. ويچارو بيمار ٿي ويو ۽ مسافر خاني جي هڪ ڪنڊ ۾ پئجي رهيو. بيماري وڌي وئي. هن تي غشي طاري ٿي وئي. ماڻهو اچي مڙيا ۽ چوڻ پيا تہ الائجي هندو آهي الاءِ مسلمان؟ وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي ٽپ ڏئي اٿي ڪڙو ٿيو ۽ چيائين: ”هت مرڻ مناسب ڪونهي، اُتي تہ وڃي مران جتي ڪو سڃاڻيندو بہ تہ هجي.“

ملائڪ پيا سڄو جبل تورين

هڪ ڏينهن ڪنهن ملان واعظ پئي ڪيو: هميشہ وڏو پتر ڪٽي، ان سان وٽ چينجي، ڇو تہ اهي وٽ وارا پتر ملائڪ توريندا ۽ انهن جو ثواب ملندو.

وتايو فقير اها ڳالهہ ٻڌي اٿي هليو. هلندي هلندي وڃي هڪ جبل تي چڙهيو ۽ اتي پيشاب ڪري، جبل سان وٽ چيني، چيائين: ”هاڻ پل تہ ملائڪ پيا سڄو جبل تورين.“

جيئڻ مڙني جي مرضي

چون ٿا تہ هڪ ڀيري جڏهن وتايو سفر سانگي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتو تہ سندس پالتو ڪتو بہ هن جي پويان پويان هلڻ لڳو. فقير گهڻو ئي تڙيس، پر ڪتو ڪٿي ٿو مڙي.

بهرحال ڪتو فقير پويان پويان هلندو رهيو. جڏهن فقير ڪنهن ڳوٺ پرسان لانگاهو ٿيو تہ ان ڳوٺ جا ڪتا فقير واري ڪتي کي ڦري آيا. پهريائين تہ هڪ ٻئي کي پشون ڏنائون.

پر نيٺ ڪتن جي ولر ڪٽي فقيرجي ڪتي کي دسيو. ايتري ۾ فقير بہ پنهنجي سوٽيون پنهنجي ڪتي کي ڦهڪائي ڪڍيون.

ڪنهن ڳوٺ واري پريان بيٺي اهو لقاءُ ڏٺو تنهن چيو: ”فقيرا اهو ڇا تو ڪرين، هي سڀ ڪتا بہ تنهنجي ڪتي کي پيا مارين ۽ تون بہ پنهنجي ڪتي کي پيو لٺيون هڻين.“

فقير وراڻيو: ”ادا! جڏهن مڙني جي مرضي اها آهي تہ پوءِ مان ڇو مڙان!“

تنهنجو ملهہ

وتائي فقير کي درياءَ جي پار ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃڻو هو. صبح جو سوير ماني کائي اتي پنڌ پيو تان جو اچي درياءَ تي پهتو. پتڻ جو پور اڳئي پرجي چڪو هو سو مهاڻي ٻيڙي ڇوڙي روانا پئي ٿيا هئا. پر اڃا ڪناري کي بلڪل نزديڪ هئا. فقير آيو تہ ڏٺائين تہ ٻيڙي رواني ٿي وئي آهي. ماڻهو کي سڏ ڪري چيائين ٻيلي آءٌ مسڪين آهيان، خدا جي واسطي مون کي کڻيو هل. مهاڻي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. فقير وٺي وڏا واڪا ڪيا. نيٺ مهاڻي چيس، فقير اسين ڪو واندا ويٺا آهيون ڇا. جو رڳو پينو گهليندا وتون.

وتائي فقير رپيو ڪيسي مان ڪڍي، کيس ڏيکاري چيو: يلا هيءُ وٺ روڪ رپيو پر مون کي وٺي ضرور هل. روپيو ڏسي پاتڻيءَ جو پتو بہ پاڻي ٿي پيو. ٻيڙي وراڻي اچي هن کي کنيائين. جڏهن وچ سير ۾ آيا، تڏهن فقير مٿي نهاري چيو ”پاڻ ڏس! تنهنجو ملهہ ماڻهن وٽ رپئي کان گهٽ اٿئي.“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڻ جو حق

وتائي فقير کي ڪنهن شخص چيو ته فقير مرڻ برحق آهي.

فقير جواب ڏنو ته: ”ادا! ڪونهي لِکڻ جو لک تڏهن چئون تا مرڻ برحق، نه ته پيڙين چڙهي وڃونس.“

رڳو اگهه تي نهو

وتائي فقير وٽ غربت اچي گهر ڪيو. سو ٻي ڪا واهه نه ڏسي، نيٺ پنهنجو گڏهه ڪپائڻ لاءِ پڙيءِ تي ڪاهي ويو. جيئن شهر ۾ گڏهه سميت پهتو ته گڏهه هر ڪنهن پاسي پئي پڇ هنيو. هر ڪنهن وتائي کي پئي چيو: فقير تنهنجي گڏهه جي پڇ ڏاڍو تنگ ڪيو آهي. ڪنهن جي اک ڪيندو.

فقير هم نه ڪئي تم ڪٽي گڏهه جو پڇ بڏائين. جيئن گڏهه اڳتي ڪاهيائين ته جنهن پئي ڏٺو تنهن دانهن تي ڪئي، فقير گڏهه جو پڇ به ڪو بڏبو آهي.

نيٺ وتائي کي لڳي ڪاوڙ سو گڏهه جو پڇ ڪپي گودڙيءَ ۾ وڌائين. نيٺ وتايو گڏهه ڪاهي پڙيءَ ۾ پهتو جنهن به گراهڪ گڏهه کي تي ڏٺو سو ڪپيل پڇ ڏسي منهن واڙي تي ويو. جڏهن وتائي اها ڳالهه محسوس ڪئي ته هر ڪنهن گراهڪ کي چوڻ لڳو: ”ياڻو! رڳو اگهه تي نهو باقي پڇ جي پرواهه نه ڪريو اهو مون وٽ پيل آهي.

روزي کولڻ جو ثواب

رمضان مهيني ۾ مسجد ۾ روزي کولڻ وقت روزي کولڻ لاءِ پين روزائتن سان گڏ وتايو فقير به پهتو ڪنهن رڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري چيس: ”فقير منجهند جو تہ ماني پئي کاڌئي، روزو وري ڪيڏي مهل رکئي.“

وتائي وراڻيو: ”ابا! رکڻ ڪي کٽي ڇڏ. کولڻ جو تہ ثواب نہ وڃاءِ.“

جهڙي نيت تهڙي مراد

وتايو فقير سفر دوران جڏهن ڪنهن ڳوٺ کان پئي گذريو تہ هڪڙو همراهہ تڪڙو تڪڙو اچي وٽس پهتو ۽ چيائينس: فقير ٻڌو اٿم تہ تنهنجي دعا ۾ ڏاڍو اثر آهي. منهنجي حق ۾ بہ ڪا دعا ڪر.

وتائي فقير وراڻيو: ”ابا! جهڙي نيت تهڙي مراد.“

الزام نہ ڪڻ

ڪنهن ماڻهوءَ وتائي تي وار ڪرڻ لاءِ متس لٺ اولاري، وتائي واتڙو تي پڇيو تہ، ايڏي ڪاوڙ ڪهڙي قصور ڪري؟ لٺباز وراڻيو: تون پاڻ چوندو آهين تہ هٽي هٽائي پاڻ الله تو پوءِ مون کي بہ اهڙو حڪم ڪيو هوندائين.“ وتائي ٽهڪ ڏيئي چيس: ”الله، ڪي واٽيو مارٻو هوندو تہ هر حال ۾ ماريندو مورک! تون پاڻ تي الزام ڇا لاءِ ٿو کڻين!“

ٽڪو گهوڙو

هڪ دفعي ڳوٺ جي هڪڙي زميندار گهوڙو خريد ڪيو. ان کي ڏسڻ لاءِ ڪيترائي ماڻهو زميندا جي گهر پهتا، انهن ۾ وتايو فقير بہ موجود هو. زميندار روبدار انداز ۾ آيل خلق کي چيو: ”هيءُ گهوڙو هڪ سئو روپين ۾ خريد ڪيو اٿم، ڏاڍو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيز آهي. تر ۾ اهڙو گهوڙو ڪونہ تو سجهي.“ ماڻهن چيس: ”پوتارا! اوهان هن تي سواري ڪريو .تہ اسين ڏسون.“ زميندار جواب ڏنو: ”اڄ هن کي آرام ڪرڻ ڏيو سڀاڻي صبح جو سوير آئون هن تي سواري ڪندس، اوهان ان وقت اچي ڏسجو!“ پوءِ سڀ پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو ۽ وتايو فقير، زميندار جي اوطاق تي پهتا. زميندار کي جڏهن ماڻهن جي اچڻ جي خبر پئي تہ ٻاهر نڪري آيو ان وقت سندس اکين مان لڙڪ پئي تميا. هن گنڀير آواز ۾ چيو: ”رات منهنجو گهوڙو هي جهان ڇڏي ويو.“

وتائي فقير چيو: ”پوتارا! تنهنجو گهوڙو ڪو ڏاڍو تکو هو جو هڪ ئي رات ۾ هِن جهان کان هُن جهان وڃي پهتو!“

زال ۽ ماءُ

وتايو ماءُ جي وفات تي سندس لاش پرسان ويهي روئڻ لڳو هڪ پاڙي واري ڪراڙي آئي ۽ چوڻ لڳس تہ ابا! اهو موت سڀ ڪنهن مٿان اچڻو آهي، ڪوبہ ڪونہ بچندو. ٻچا تون وڌيڪ الڪو نہ ڪر! اسين ويٺيون آهيون!

وتائي چيو: ”واهہ زمانا! ماءُ مئي آهي تہ هر ڪا پئي دلاسا ڏئي، زال مئي تہ ڪنهن اکر ڪونہ ڪڇيو!“

وڏڙن جي نشاني

هڪ ڏينهن مَجلس ۾ ڪنهن شخص وتائي فقير کي چيو تہ: ”فقير ڪپڙا تہ اڳئين زماني جا ۽ وڏن جي هٿ جا پاتا اٿئي!“

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير جواب ۾ ڏنس: ”ڏاڏي مرڻ وقت چيو هو تہ جيڪي بہ ڪپڙا آهن سي هڪ صندوق ۾ وجهي منهنجي پرسان دفن ڪجو. اهي ڪيترا سال پوريل هئا، بابي مون کي اها جاءِ ڏيکاري هئي ۽ ڳالهہ بہ ٻڌائي هئي. پر دل تان خيال لهي ويو تنهنجي پيءُ جي مرڻ واري ڏينهن تي ياد آيا، سو قبر کٽندڙن کي چيم تہ هتي کوٽيو. تورو کوٽڻ سان صندوق هٿ آئي ۽ تنهنجي پيءُ جي صدقي ڪپڙا لڌا.“ اها ڳالهہ ٻڌي همراهہ کٽي چپ ڪئي.

حلال حرام

هڪ ڏينهن وتائي فقير کان ماٺهن ڪچهري هلندي پڇا ڪئي: ”ڪا اهڙي حلال شيءِ آهي جو اها کائڻ سان نفرت اچي؟“ چيائين: ”ڳوهيل اتو“. جي ان مان سوئر جي شڪل ٺاهجي تہ مسلمانن کي بڇان ايندي، جيڪر ان مان ڳئونءَ جي شڪل ٺاهي، باهہ تي پچائي، ڪنهن هندوءَ اڳيان رکبي تہ اهو ان اڳيان هٿ ٻڌي پوڄا پيو ڪندس، باقي هرگز ڪونہ کائيندو.

وتايو ۽ پاتڻي

وتائي کي ماءُ هڪ پاتڻيءَ حوالي ڪندي چيو: ”ابا! ڇورو ڇنو آهي، پاڻ سان ڪم تي لائينس. پاتڻيءَ پاڻ وٽ ماڻهن کي پترڻ اڪارڻ واري ڪم تي لاتس ۽ پاڻ ڪٺ تي چڙهيو اوطاق ۾ وينو رهيو. سانجهيءَ ٿاٽي، وتايو بہ سڄي ڏينهن جي ڪمائي مان اڌ مسڪينن ۾ ونڊي ورهائي، باقي بچت سميت پاتڻيءَ وٽ پهتو. پاتڻيءَ روزاني ڪمائيءَ ۾

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمي ڏسي ڪانئس پڇيو: ”پئسا پورا ڪينهن؟“ وتائي ٻڌايس: ”اڌ تڪا تنهنجا آندا اٿم. باقي اڌ رقم اڇليم درياهه بادشاهه ۾. هن هڪو ٻڪو تي چيس: ”ڌن درياهه ۾ ڇاجي ڪاڻ اڇليئي؟“ وتائي چيس: ”درياهه ۾ ڇونه اڇليان! پٽڻ ڪو پٺين جي پنيءَ تي ٿي تريو ڇا! درياهه ڪهڙو ڏوهه ڪيو. هن جو حصو هن کي ڏنم. باقي تنهنجو ڪٽي آيو آهيان.“

اکين وارا ڪي ڪي

هڪ سادي سودي همراهه وتائي جي هاڪ ٻڌي ور ڏئي کيس کان پڇيو: ”فقير تنهنجي سياڻپ جي هاڪ سڄي تر ۾ مشهور آهي. ڀلا مونکي اهو ته ٻڌاءِ ملڪ ۾ انڌا گهڻا يا سڄا.“ وتائي ڏهه پهه وراڻيو: ”ادا! انڌا گهڻا.“ پڇندڙ چيس: ”فقير اهو وري ڪيئن؟ لڳي ٿو مون وانگر ڪو مولائي آهي. اوسي پاسي نظر ڪر سڀ اکين وارا آهن ڪين انڌا.“

وتائي چيس: ”ادا! تون آهين زوراور. ڇڱو هاڻ مون سان گڏ هن چوواٽي تي ويهه، پوءِ پاڻ فيصلو ڪجانءِ.

ائين وتايو ۽ همراهه گڏجي چوواٽي تي ويٺا. وتايو مچن مٿ هٿ ڪري ويهي نوڙي وٽڻ لڳو. جيڪو ٿي اتان لنگهيو تنهن ٿي پڇيس: ”فقير ڇا پيو ڪرين!“ وتائي همراهه کي چيو: ”هي به ڳڻ انڌن ۾.“ ائين ڪيترائي متيا مڙني وتائي کان ساڳيءَ طرح پئي پڇيو ته، فقير ڇا پيو ڪرين؟ ۽ وتايو به همراهه کي چوندو ٿي ويو ته ”هي به ڳڻ انڌن ۾.“ نيٺ هڪ سرت سمجهه وارو همراهه آيو جنهن وتائي کان پڇيو: ”فقير ڏي ته خبر. ڇو ڀلا چوواٽي تي ويٺو واڻ وٽين؟“ وتائي همراهه کي چيو: ”ادا! هن کي سڄن ۾ ڳڻ.“

پوءِ همراهہ کان پڇياٽين: ”ڪر خبرا ملڪ ۾ انڊا گهٽا يا سڃا.“ همراهہ وراڻيو: ”فقير تنهنجي ڳالهہ سورنهن آنا سچي.“ وتائي چيس: ”ادا! اهو ٿي تہ مون بہ چيومانءِ تہ: ”ملڪ ۾ اکين وارا ڪي آهن، نہ تہ گهٽائي اکين کان انڌي جي آهي.“

ڪٽي رنپ ڪرائينس ها!

هڪڙي ڀيري وتائي ڏڳي پٺي ڏٺي، ڪير ڏهندي هن کان ڳابي ڏرائڻ جو خيال لهي ويو. ڳابي ڪير ڏائڻ لاءِ هر هر پٺي تاڻيو. ڪنهن گهڙيءَ ڳابيءَ جو رسو ڍرو ٿي ڪلي ويو سو اوچتو اچي ڳئونءَ ڪي چنبڙيو تہ ڳئونءَ نڪاءُ ڪڻ لت ڪئي تہ وتايو چونريءَ سميت وچي انڌو ڪريو. سچو ڏڌل ڪير هارجي ويو. وتايو اٿيو ۽ ڪنڌ مٿي ڪٽي خدا کي چوڻ لڳو: ”يلا جي مون کان ڳابو ڏارائڻ وسري ويو هو تہ توکي تہ ياد هو. ڪٽي رنپ ڪرائينس ها. رسو تہ نہ ڪڍينس ها. ڳابي کي سؤ ڍؤ ڪرايئي، باقي اسان کي سو لنگهڻ ڪٽايئي.

اُمالڪ پليت ڪندئي

هڪ ڀيري سفر دوران وتائي کي اچي ڏاڍي بک لڳي، سوچياٽين تہ ڪو ڳوٺ نظر اچيم تہ لڙي وڃي ڪنهن کان مانيءَ ڳيو گهران. اٿين سوچيندو پئي آيو تہ اوچتو هڪڙي همراه هڪل ڪيس: اڙي بيهہ رهي! وتايو ويچارو ڊڄي بيهي رهيو. همراهہ پر ۾ پهچڻ تي هڪل ڏئي پڇيس: ڪهڙيءَ سوچ ۾ ٻڏو پيو آهين جو هيڏي هوڏي لٿوڙ ۽ ڪونہ ٿو هٽين. وتائي

وراٽيو: ڏاڍي بک لڳي اٿم. سوچيندي پئي آيس تہ من ڪا پھر منھن پوي تہ مانيءَ جو بلو ٿئي. همراھہ چيس، فقير تنھنجي مانيءَ جو بلو سمجهہ تہ ٿي ويو. هاڻ ڪن لائي ڳالھہ ٻڌ. هو جيڪو پريان ڳوٺ ٻيو ڏسجي، اتي جنھن گھر ۾ نم جو وڻ آهي، ان گھر ٻاهران وڃي سڏ ڪر. هن آرين پارين هڪڙي مائي ٻاهر ايندئي ان کي چئج تہ توکي ماني کارائي ۽ منھنجو هي نياپو بہ ڏجانس تہ ڪافي دير کان تنھنجي اِنتظار ۾ آهيان. تڪڙي پھچ، وڌيڪ انتظار نہ ڪراءِ. باقي جي نياپو نہ ڏنئي، تہ پنھنجو خير نہ سمجهجانءِ. هن ڪھاڙيءَ سان ڳترا ڳترا ڪندوسانءِ.

وتايو ڳوٺ ۾ پھتو نم واري گھر ٻاهران سڏ ڪيائين تہ ان آرين پارين عورت ٻاهر نڪتي. ان کي سربستو نياپو ڏنائين. مائيءَ چيس، فقير پار تہ پڪا ڏي. ڪھڙا آر پار هيس. فقير وراٽيس: نرڙ تي پٽڪو هيس، ڪاري گوڏ ٻڌل ۽ بت تي صدري ۽ هٿ ۾ ڪھاڙي هيس. مائيءَ چيو: فقير اهي پار تہ دل سان نتا لڳن. وتائي چيس مائي وڌيڪ پاڻ جاڻ باقي مون کي مانيءَ ڳيو کاراءِ تہ مان کِسڪان. مائي اتاولائيءَ مان پڇيس: فقير پلا رخ ڪھڙو هيس. وتائي وراٽيو: مائي چا ٻڌاياڻءِ رخ ڏاڍو خراب هيس. ويندينءَ تہ اُمالڪ پليت ڪندئي.

متان منھنجي چٽئي تي لڳين.

هڪڙي ڏينھن بکئي پيٽ وتايو ٻير جي وڻ هينان اچي وينو. مند بہ ڪا ٻيرن پچڻ جي هئي اوچتو بہ ٿي پيرا

اچي وتائي جي پير ۾ ڪريا، سي ڪٽي ڪاڏائين. پر پيرن فقير جو پيٽ تہ ڪونہ ڀريو. سو هٿي نهاري خدا کي چوڻ لڳو: خبر بہ هيئي تہ پير ڪاٺ جي شيءِ آهي، تہ گهٽ ۾ گهٽ گدري جيترو تہ ڪرين ها. ائين ڪندي اوچتو هڪ پير اچي وتائي جي مٿي تي ڪريو. وتائي رڙ ڪئي: جهل جهل! منهنجي چوڻ تي لڳي متان گدري جيڏو پير ڪرين تہ ماٿهن جا مٿ ڦاڙي وجهي.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪل اٽڪل اٽڪل ... اِن حسابَ سان اٽجاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book